# سُہنی

پبلیکیشنز



بہترین ادب

ماهوار

# سهڻي

ٽيون نمبر

درد جا رشتا

ترتيب ڏيندڙ

غلام نبي مغل
نظير شيخ
طارق اشرف

قيمت: هڪ رپيو پنجاهه پئسا
سال لاءِ: چندو ڏهه رپيا

ادارهٔ ادب - ڊي - ٧٥٠ - ٣٥/١ ايف، ويسٽ ڪچهري، حيدرآباد سنڌ




ڳوريءَ تي ڳج
ڳج تي ڪاوا
ڪاون ۾ پيو سورج جرڪي
ڇوري چرڪي
چرڪ چرڪ تي ڇير ٿي مرڪي
مرڪ مرڪ تي دل ٿي مرڪي

شعر
امداد حسيني
تصوير
ظفر ڪاظمي

# پنهنجي طرفان...

’سهڻي‘ سلسلي جا ٻه نمبر پيش ڪري چڪا آهيون، جن ۾ اسانجي همت ۽ عزم جي روح جي جهلڪ نظر اچي ٿي. چاهيون ٿا ته سهڻيءَ ۾ اهو سڀ ڪي سموئي ڇڏيون، جنهنجا خواب ڏٺا هئاسين. سهڻي جو هي نمبر، پڙهندڙن جي هٿن، توڙي نظر ۽ ذوق تي اڳ کان اڳرو محسوس ٿيندو. جنهن لاءِ اسين خوش به آهيون ته ڪجهه حسرت به اٿئون جو هي لمبر، خوابن جي مڪمل تعبير جي منزل ڏانهن صرف هڪ وک جي حيثيت رکي ٿو. هن پيري ۾ مضمون شامل آهن. غلام نبي مغل ۽ عبدالحق عالمائيءَ، افساني، افساني نگار ۽ سنڌيءَ ۾ ورهاڱي کان اڳ لکيل افسانن تي علمي، ادبي ۽ معلوماتي انداز ۾ روشني وڌي آهي. اهي ٻئي مضمون نون لکندڙن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ ڪارائتا ۽ دلچسپيءَ جو باعث بڻبا. گذريل نمبر کان ’آڳاٽو ادب‘ جي عنوان هيٺ سنڌي ادب جي شروعاتي يا ان کان ٿورو پوءِ جي دؤر جون ادبي تخليقون پيش ڪجن ٿيون. هن پيري جي چونڊ آهي — ’سنڌ جي ادبي تاريخ‘ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو مضمون ۽ امر لعل هنگوراڻي جي ڪهاڻي ’هيءَ به رانجهوءَ سنڌي رمز.‘ هند- سنڌ جي نامياري ڪهاڻي ڪار، شاعر ۽ نقاد سگڻ آهوجا جي وفات ڪري، ڪجهه صفحا عقيدت طور سندن نذر ڪيا اٿئون. جن ۾ سندن هڪ نظم، هڪ غزل ۽ هڪ ڪهاڻي چونڊ ڪري ڏني اٿئون. سندن ڪهاڻي ته سنڌي افسانوي ادب جي شاهڪارن منجهان هڪ آهي. ’هڪ شاعر‘ جي عنوان هيٺ هن پيري نوجوان شاعر الطاف ۽ ’چونڊ شعر‘ ۾ بزرگ شاعر مولانا احمد ملاح جي تخليقن جو سهڻو ميل نظر ايندو. جتي الطاف جي غزلن، نظمن، گيتن ۽ دوهن ۾ ڪي جديد انداز فڪر ملندو اُت مولانا صاحب جي ڪلام ۾ مذهبي رنگ، وطن جي حب ۽ سخن جو انداز- ڪهن نمايان آهي. نظم جي انهيءَ وڏي حصي کانسواءِ، نظمن ۾ ٿتن پرسواڻي، امداد حسيني، قمر شهباز، نذير قاضيءَ جون تخليقون پڻ پڙهڻ وٽان آهن. نظم جي حصي جي سونهن جو سهاڳ تنوير عباسيءَ جو ترجمو ڪيل جديد فرينچ شاعر جولس سپرولي جي نظم ’ڪيڏي ڳوري آ زمين‘ آهي، جنهن ۾ انسان ۽ سندس خلقيل ذرتيءَ جا درد نهايت دل- ڇهيندڙ آهن. ڪهاڻين جو حصو پڻ هن پيري مواد توڙي تعداد ۾ اڳ کان اڳرو آهي. آغا سليم ۽ موهن ڪلپنا جون طويل ڪهاڻيون، سنڌي ڪهاڻيءَ

غلام نبي مغل

# افسانو ۽ افسانوي نگار

اڄ جو افسانو قديم دؤر جي قصن ۽ داستانن جي سڌريل، ۽ وقت جي تقاضا موجب، ارتقائي شڪل آهي. افسانو هر دؤر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود رهيو آهي. هر دؤر جي حالتن پٽاندڙ افسانوي ڪي آن دؤر جي ذهني سجاڳيءَ جي وهڪري، رهڻي-ڪهڻي ۽ سماجي حالتن، مذهبي توڙي غير مذهبي ۽ اخلاق ۽ تفريح جي جزن ملي، ڪردار بخشيا ۽. هڪ خاص ميدان هموار ڪيو. آهو شروعاتي ميدان آهي، جنهنکي هر دؤر جا عظيم ذهن سڌاريندا سنواريندا آيا. اڄ آن ميدان ۾ جديد افسانوي جي پوک ٿي چڪي آهي.

هر دؤر جو داستان فرضي هوندي بہ پنهنجي دؤر جي ماحول ۽ رهڻي-ڪهڻيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو. الف ليليٰ، ممتاز دمساز، امير حمزه، جهان آرا جان عالم، طوطي-مينا جو داستان، سڀ پنهنجي وقت جي ذهني پورهئي جا شاهڪار آهن. جديد دؤر کان اڳ انسان جون گهرجون محدود هيون. ماحول ۽ سماج، جنهنجو هو فرد هو، سو پاڻ نهايت ٿوري پيماني تي ڳنڍيل هو. خوشحالي، گهٽ آبادي ۽ زندگي جي مقرر وسيلن جو انسان جي سماجي ۽ ذهني حالتن تي گهڻو اثر هو. فرد ملڪ جي واليءَ جي حڪمن جي تابعداري لاءِ ٻڌل هو پر ملڪ جو والي فرد ذاتهن ڪنهن بہ حالت ۾ جوابدار نہ هو؛ جنهن ڪري ذهن وڌيڪ سوچي ئي نہ سگهندا هئا تہ سندن ڪهڙو حق يا ڪهڙو فرض آهي يا وري ڪهڙا مسئلا در پيش آهن. انهيءَ جو هڪ وڏو سبب خوشحالي ٿي سگهي ٿي جيڪا رضا-تي-راضي رهڻ واري ڳالهہ کي جنم ڏئي ٿي. اڳوڻي، ڪنهن بہ دؤر جي فرد کي محنت گهٽ ڪرڻي پوندي هئي، جو هو پنهنجن مقرر ٿيل گهرجن جو رڳو انهيءَ مان ئي گذران چڱي طرح ڪري سگهيو ٿئي. اقتصادي حالتون بهتر آهن تہ انجو اثر ذهن جي انهيءَ حصي تي پوي ٿو جيڪو تخليقي قوتن سان ڀرپور آهي. گهٽين حالتن ۾ ذهن جي اِها قوت سرد ٿي وڃي ٿي؛ جنهنجو مکيہ ڪارڻ انسان جي بنيادي ضرورتن جي اڻ-هوند يا اڻ-پورائي يا انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سخت جسماني ۽ ذهني پورهيو آهي. انهيءَ ڪانسوءِ، هر فرد سان ڪي خاص حالتون، قدرتي يا غير قدرتي طور تي لاڳو هونديون آهن، جي پڻ ذمہ دار آهن.

اهڙي هر ڪا گهرج هڪ افسانو تي سگهي ٿي. انسان وٽ وقت ٿورو آهي، گهرجون گهڻيون آهن. گهرجون گهڻيون آهن ته پورهئي جو انداز به وڏي ويو آهي. انهيءَ ڪري انسان وٽ پنهنجي زندگيءَ ڪي جم ڪان موت تائين پرکڻ جو وقت نه آهي، جنهن ڪري هو، هر وقت، آن وقت يا ان ڪان ٿورو پوءِ ايندڙ وقت متعلق سوچي ٿو ـــ جيڪو افسانوي جي تخليق جو وڏو ثبوت آهي. زندگي هڪ ديڳ مثل آهي جنهن ۾ جانور پيا رڌجن. انهيءَ ديڳ ڪي جي ناول سان مشابهت ڏجي ته پوءِ افسانو آن پرپور ديڳ جو هڪ جانور آهي جنهن ڪي چکي هڪ عام، سجاڳ پڙهندڙ محسوس ڪري ته ديڳ (يعني زندگي) جي حالت ڪهڙي آهي؛ رڌجي راس ٿي آهي يا اڃا سيڪ جي ضرورت آهي. افسانو هر دؤر جي گهرجن جو ڪاغذ تي عڪس آهي. آمريڪن يونيورسٽي اسٽين-فورڊ جو ڊاڪٽر ولفورڊ سٽون افساني بابت چئي ٿو:

A short story performs at least two practical and realistic functions – stories are the only way we can learn emotional, psychological and spiritual history of a certain time. They are the only way we get history with a beating pulse.

افساني جي صحيح ۽ مڪمل وصف پنهنجين سموربن رمزن ۽ دليلن سان ايتري ته وسيع آهي جو اڄ تائين ڪو انهيءَ ڪي پوريءَ ريت لکي ئي ڪين سگهيو آهي. مختصر طور تي افسانو ڇا آهي؟ افسانو اڪين مان وهندڙ لڙڪ مثل آهي. هڪ انسان جي اک مان وهندڙ لڙڪن جي هرهڪ بوند ۾ هائيڊروجن، آڪسيجن، لوڻ ۽ آس جي ڪيميائي جزن ڪانسواءِ انهيءَ انسان جا غم، خواهشون، خيال، تصور، خوشيون، ماحول ۽ سندس ذهني ڪيفيت، شخصيت، سندس جسم ۽ روح سڀ شامل آهن. افسانو سماج جو لڙڪ آهي جو افساني-نگار جي اک مان وهي ٿو. انهيءَ هڪڙي بوند ۾ ڇا نه آهي؟ سماج جون آرزو، تصور، خوشيون، خواهشون، غم، ماحول، ورثو، جاگرافي، آبهوا، تواريخ، تهذيب، روح ۽ جسم سڀ سمايل آهن. انهيءَ هڪڙي بوند ۾ سمورو ساگر يا گهٽ ۾ گهٽ انجو هڪ وڏو حصو چلندو ڏسي سگهجي ٿو. افسانو ڪيئن وجود ۾ اچي ٿو؟ سماج جي نوس خارجي حقيقتون ۽ غم-حيات يا دنيوي مشڪلاتون افساني نگار جي دل يا آن ۾ واسو ڪيل محبوب جي تصور ۾ بيوسيءَ ۾ سمائجي ڪافي عرصي تائين انهيءَ بڻيءَ ۾ تپندي

رهي ٿي. جڏهن دل ۾ سمايل سوز جي تکي سيڪ ڪري ڏيوي مشڪلاتون ياڦ ٻڌجي اڏامي وڃن ٿيون ۽ هڪ ڪارائتو مواد، سڪي سڪي، هڪ قطري جي صورت ۾ اچي ٿو يا ڪٽي اٿين چئجي ته جڏهن جذبو پختو يا cultured ٿي وڃي ٿو ته افساني نگار کي انجي بيان ڪرڻ لاءِ زبان جي ضرورت پوي ٿي. پوءِ افسانو ڪاغذ تي اٿين آڪري اچي ٿو جيئن ٻئي مان تازي، گهڙيل ۽ ڪوسي ڪوسي سر. پر جت به ڪنهن هڪ جزي جي اٽاٽ ٿئي ٿي يا آهو جزو ڪمزور آهي ته اتيئي افسانو ٻئي يا ٽئين درجي جي تخليق ٿيو پوي. گهڻين حالتن ۾ انکان به گهٽ.

انسان جي حياتي محدود واقعن جي سرحد پار ڪري هيئر ايتمي دؤر ڪان به اڳتي نڪري ويئي آهي ۽ سندس طبيعت ۽ ماحول هزارين واقعن کي جنم ڏيندو رهي ٿو. ضرورت انهيءَ جي هئي ته اِهي ننيڊڙا ۽ زندگيءَ سان لاڳو واقعا ادب جي ڪنهن حصي ۾ محفوظ ڪيا وڃن. ڇا هر واقعي لاءِ اديب هڪ ناول کي جنم ڏئي؟ اڻ-ٿيٽي! هر واقعو ناول نٿو ٿي سگهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته جديد ناولن ۾ ڪي ناول اهڙا به آهن جيڪي افساني کي طويل ڪري لکيا ويا آهن. جيمس جوائس جو ناول 'يوليسيز' هڪ ڏينهن جي ڳالهه تي مدار رکي ٿو جنهن کي مصنف هزار صفحن تي ڦهلايو آهي. هيمنگوي جو ناول، 'سن آلسو رائزز' ٻن ٽن ڏينهن جي واقعن تي ٻڌل ناول آهي. پر هر واقعي تي هر مصنف ناول ته نٿو لکي سگهي. لکڻ وارو به ته آخر انسان آهي. ڪيس گهرو، سماجي مشغوليون به ته هونديون. تنهنڪان سواءِ ناول تي عام طور هڪ وڏو عرصو لڳي ٿو ۽ هر واقعي، هر ڪردار سان برابر انصاف واري هلت ڪرڻي آهي. پر افساني ۾ افساني نگار صرف آنهي هڪ واقعي ۽ ڪردار سان ٻڌل آهي جنهن ڪان هو متاثر ٿي لکڻ چاهي ٿو.

افساني جي وصف متعلق به جدا جدا رايا آهن، پر منجهن هڪ عام- محسوس-ٿيندڙ تاثر آهي. مغرب جي هڪ مفڪر ملتن ڪرين افساني بابت تمام مختصر انداز ۾ چيو آهي ته — مختصر افسانو ڇا آهي؟ — ڪِردار متعلق هڪ اتفاقي، اڻ-وسهندڙ دريافت. ماحول جي عڪاسي ۽ سچ جي آنهيءَ ساعت تي فتح جا محسوس ۽ اڻ-محسوس ٿيندڙ آهي. هڪ بينظير سهڻ-جوڳو واقعو، افساني جي مختصر جملن ۾، هڪ عظيم ڪشش ۽ قوت پنهنجي عروج تي هوندو آهي. افساني جو هڪ

آهي ته هو باز جي اک سان پنهنجي طبيعت ۾ گهرو ڏسي ته من جي ڳالهه آکڻ لاءِ کهڙو طريقو وڌيڪ مؤثر آهي. مواد سان گڏ ٽيڪنڪ جي غلط چونڊ افساني جي اثر کي زائل ڪريو ڇڏي.

اڄ ڪلهه جي زندگيءَ جي انيڪ روپن وانگر افساني ۾ به انيڪ ٽيڪنڪون نظر اينديون. موجوده دؤر جي زندگي کي ادب ۾ جيترو افساني ذريعي پيش ڪيو ويو آهي، اوترو ٻي ڪنهن صنف رول ادا نه ڪيو آهي. انهيءَ جو سبب اهو به آهي ته زندگي جا آهي پهلو، جنکي شروعاتي يا بعد جي دؤر جي ادبي اختياري وارن ادب مان ذري گهٽ خارج ڪري ڇڏيو، سي به افساني جي ڦهليل ٻانهن ۾ سمائجي چڪا آهن. انهيءَ مان اهو به ثابت ٿيو ته افساني، زندگي جي مسئلن کي نهايت وسعت سان پنهنجي پلاند ۾ جاءِ ڏني آهي.

ٽيڪنڪ جي ڪا خاص ورڇ مقرر نٿي ڪري سگهجي. افساني کي عام طور تي زمان ماضي يا زمان حال ۾ فرسٽ پرسن يا ٿرڊ پرسن ۾ لکيو ويندو آهي. ٿرڊ پرسن ۾ بياني انداز وارا افسانا شروع کان لکندا رهيا آهن. فرسٽ پرسن ۾ جديد افساني گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ اها ٽيڪنڪ ٻين گهڻن قسمن کان وڌيڪ زورائتي آهي. انهيءَ ۾ هڪ سؤلائي اها به آهي جو افسانينگار ڪنهن هڪ ڪردار بابت، سندس واتان پنهنجي متعلق ڳالهارائي ٿو. هر ڪو شخص پاڻ تي گذريل واقعن کي، ٻين جي نسبت، پاڻ وڌيڪ سهڻي ۽ اثرائتي نموني پيش ڪري سگهي ٿو. آمريڪا جي بدنام ليکڪ، هينري ملر، هڪ انٽرويو ڏيندي وقت چيو آهي ته فرسٽ پرسن، منهنجي طبيعت مطابق، ڪنهن به ڳالهه جي آپتار لاءِ بهترين طريقو آهي.

تنهن کان پوءِ، افسانه بيانيه به هوندا آهن جن ۾ ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه کي بيان ڪرڻ واري انداز ۾ لس ئي لس لکيو وڃي. اهڙن افسانن ۾ ڪٿي ڪٿي، ڪڏهن ڪو هڪ-اڌ ڊائلاگ هوندو آهي. ڪي افسانا رڳو گفتگو ذريعي لکبا آهن جن ۾ ڪردار جي چرپر کي نظرانداز ڪري رڳو انجي ڳالهه-ٻولهه ڏانهن ڌيان هوندو آهي ۽ سمورو مواد، انهيءَ ڳالهه-ٻولهه ۾ پنهنجي عروج تي پهچندو رهي ٿو. افساني کي لکڻ وقت، آغاز ۽ انجام جو به خاص خيال رکيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته هڪ سٺي افساني جو آغاز ۽ انجام زوردار هئڻ کپي. شروعاتي دؤر جي افساني ۾ آغاز کان انجام تي نهايت زور ڏنو ويندو هو ۽ افسانو لکبو ئي انجام کي مدنظر رکي هو. او هينري، موپاسان ۽ خود

هندستان ۾ به جيڪي افساني نگار هئا، سي آخر ۾ ڪا نه ڪا حيران-ڪندڙ ڳالهه ضرور ڪندا هئا. شروع ۾ ئي افساني جي اڏاوت اهڙي ريت ٽيندي هئي جو پڙهندڙ نڳجي پوي ۽ آخر جيڪو ڪلائمڪس هجي، سو پڙهندڙ جي ذهن ۾ نه اچي سگهي. پڇاڙيءَ جي اهڙي حيران-ڪندڙ ڳالهه مان پڙهندڙ کي هڪ قسم جي وندر پڻ ملندي هئي. آهستي آهستي رواج اهو پيو ته افساني جي شروع ۾ ئي ڪو اهڙو جملو هوندو، جيڪو پڙهندڙ کي هڪ ڳجهارت وانگر لڳي يا اُن ۾ ڪا اهڙي ڪشش هجي جو پڙهندڙ صرف ان هڪ جملي جي پڙهڻ ڪان پوءِ سموري افساني کي پڙهڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. اهڙي دلچسپي پيدا ڪرڻ به هڪ ٽيڪنڪ آهي. اِنهي ٽيڪنڪ جو پيو طريقو اهو به آهي ته افساني جي نالو اهڙو ڪشش رکندڙ هجي جو پڙهندڙ ڪتاب جي سمورن افسانن مان پهرئين ان کي پڙهڻ لاءِ سوچي. اهڙو هڪ افسانو ياد ٿو اچيم، جيڪو او هينري پرائز جي سال ١٩٦٤ واري افسانن جي مجموعي ۾ هو. جيتوڻيڪ پهريون، ٻيون ۽ ٽيون نمبر افسانا ٻيا هئا پر هڪ افساني جو نالو هو So I am not a Lady Chaterley... لارينس جي جڳ-مشهور ۽ بدنام ترين ناول 'ليڊي چيٽرليز لور' جي ڪري اهو افسانوترت نگاهن جو مرڪز بنجي پوي ٿو. پر اڄ ڪلهه افساني جي منڍ ۽ آخر به هڪ نئين انداز ۾ لکجڻ لڳي ٿي. شروعاتي افسانن، داستانن يا ناولن ۾ عام طور تي آخر ۾ پڙهندڙ ائين محسوس ڪندو ته ڪهاڻي ختم ٿي ويئي. پر اڄ ڪلهه جي زندگي نهايت وسيع ۽ نه ختم ٿيندڙ سلسلي وانگر آهي. جديد افساني يا ناول ۾ انجو خاتمو هڪ نئين آغاز جو اعلان ڪري ٿو.

افساني ۾ ٽيڪنڪ جي نزاڪت جو اهو عالم آهي ته منجهس سالن جي ڳالهه ۽ منٽن جي ڳالهه به سمائجي سگهجي ٿي. ڊوروٿي پارڪر جو افسانو "ٽيليفون ڪال" صرف پنجن منٽن جي ڳالهه آهي. هڪ ٻي ٽيڪنڪ، جيڪا عام طور تي نظر ايندي آهي ته افساني جي شروعات زمان حال ۾ ڪبي آهي ۽ پوءِ ڪنهن ڪردار جي واتان يا افساني نگار پاڻ ماضيءَ جي واقعن ۾ لهي ويندو آهي جنهن جو تعلق شروع ۾ آيل واقعن سان هوندو آهي— ۽ پوءِ رفته رفته واقعن جي تاڃي-پيٽي کي اڻيندو، افساني جي شروعات تائين ايندو. ڪي افسانا منڍون سڌو زمان ماضيءَ کان شروع ٿين ٿا.

اڄ ڪلهه جي ڪيترن ئي افسانن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو به ضروري نه آهي ته افسانن جي اَڏت لاءِ ڪو خاص واقعو هجي يا ڪا

Man can count on no one but himself: he is alone, abandoned on earth in the midst of his infinite responsibilities, without help, with no other aim than the one he sets himself, with no other destiny than the one he forges for himself on this earth.

يا ٽن لفظن ۾ Man is what he wills. ادب ۾ ”وجوديت“ عام طور تي ٽنٽريڪل رهي آهي. سارتر انهيءَ کي پنهنجن ڊرامن ۾ نمايان طور پيش ڪيو آهي. پر افساني ۾ انهيءَ تحريڪ کي سارتر کان سواءِ جي-ڊي-سالنجر، ٽينيسي وليمس، برنرڊ ملمڊ، جيمس بالڊون يوجين ايونيسڪو ۽ جان اپ ڊائڪ کانسواءِ ٻين به پيش ڪيو آهي.

افساني زندگي جي هر پهلوءَ کي پيش ڪيو آهي. ادب جي هر شاخ تي سماجي ۽ سياسي اثر ضرور ٿئي ٿو جنهن ڪري ڪيترائي اهڙا افسانا نظر ايندا، جيڪي خاص سياسي نقطہ نظر کي سامهون رکي لکيا ويا آهن. هاڻ هت اهو سوال اٿي ٿو ته افسانو سياسي پروپئگنڊا لاءِ ذريعه ٿيڻ کپي يا نہ. ادب جو رشتو زندگي سان آهي. سياست زندگي جو صرف هڪ حزو آهي. زندگي جي هڪ جزي جي حيثيت سان افساني ۾ سياست جو گذر ضروري آهي پر افساني ۾ ڪنهن سياسي نقطہ نظر يا ڪنهن سياسي پارٽي جي پروگرام جي تبليغ ڪرڻ سان افساني جي روح کي سخت صدمو پهچندو. جيڪو افساني نگار ادب ۾ سياست کي بلڪل سموئڻ چاهي ٿو ۽ پنهنجي افسانن ۾ انهيءَ تي عمل ڪري ٿو — اهو جڻ سياست کي پهرئين پرکي ٿو ۽ زندگي کي پوءِ قبول ڪري ٿو. ايتريقدر جو اهڙا افساني نگار انسان جي لطيف جذبن ۽ سماجي حالتن کي ٻئي درجي ۾ شمار ڪن ٿا.

اديب يا افساني نگار جيستائين آزادي سان نٿو لکي تيستائين ادبي تخليق نٿي ٿي سگهي. ادبي تخليق لاءِ ايمانداري ضروري آهي. افساني نگار جي سوچ تي پهرو وهارڻ بي معنيٰ ۾ ادب جو موت آهي: چاڪاڻ ته جبر سان ادب پيدا ٿي نٿو سگهي. جيستائين افساني نگار بي ساخته ۽ آزادي سان نٿو لکي تيستائين ادبي تخليق اڻ-ٿيڻي آهي. جڏهن ذهني آزادي فنا ٿئي ٿي ته ادب پوين پساهن ۾ هوندو آهي. انهيءَ ڳالهه جو واضح مثال نپولين جو دؤر حڪومت آهي. نپولين فرانس ۾ سرڪاري ادب جي افزائش جي ڪوشش ڪئي. سندس چوڻ هو: ”منهنجو ارادو

عبدالحق عالماڻي

# ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻي

هـونـئـن تـہ ’افسانـوي ادب‘ جنهن کـي انـگريـزي ۾ Fiction چيو ويندو آهي، تنهن ۾ مختصر ڪهاڻين سان گڏ ناول، ناٽڪ ۽ انهيءَ قسم جون ٻيون صنفون بہ شامل آهن. پر هتي اسين خصوصيت سان صرف مختصر ڪهاڻي جو ئي ذڪر ڪنداسين. انهي سلسلي ۾ جيتري قدر اسان کي معلوم آهي، ’ٻنيي زميندار جي ڳالهہ‘ ۽ ’سدا توري ڪدا توري جي ڳالهہ‘ اسانجي هاٿوڪي مختصر ڪهاڻين جا شروعاتي مثال آهن. جيتوڻيڪ، اهي ٻئي آکاڻيون فن ۽ هيئت جي لحاظ کان مختصر ڪهاڻيون چئي نٿيون سگهجن، پر ابتدائي تجربن جي لحاظ کان اهي مختصر ڪهاڻي جي آوسر کي مطالع ڪندڙ لاءِ لازمي چيزون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ منشي اڌارام ٿانورداس مير چندائي جون اوائلي آکاڻيون ’ راءِ ڏياچ ‘ ۽ ’شهزادي ماڻڪ جي ڳالهہ‘ بہ قابل ذڪر آهن، جن مان ٻوئين آکاڻي اصل ناگري زبان ۾ لکيل هئي. منشيءَ صاحب جون اهي آکاڻيون ”ڪيپٽن اسٽيڪ“ جي سنڌي گرامر ۾ درج ٿيل آهن، جيڪو ١٨٤٩ع ڌاري ڇپيو.

١٨٦١ع ڌاري ديوان اڌارام جي آکاڻين جو مجموعو شايع ٿيو، جنهن ۾ ’ راءِ ڏياچ‘ واري آکاڻي بہ شامل هئي. انهن چند بنيادي ڪوششن جي زماني تي نظر رکندي، هي ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ کپي تہ اهي اوائلي آکاڻيون اڄ کان اٽڪل هڪ صدي اڳ لکيون ويون، ۽ انهيءَ ڪري انهن جي هيئت، عبارت ۽ ڪهاڻيءَ جو اسلوب پڻ ابتدائي تجربن جي حد تائين آهي.

دراصل مختصر ڪهاڻيءَ جو نئون فن سنڌي زبان کي مغرب کان مليو. مختصر ڪهاڻي جو جنم اِٽليءَ ۾ ٿيو، اٽليءَ کان فرانس، فرانس کان روس، ۽ ڪافي گهڻو پوءِ انگلنڊ کان، انگريزن جي دور ۾، هتي پهتي. فرانس جي بالزڪ ۽ موپسان ۽ روس جي گورڪي، چيخوف، ٽالسٽاءِ ڪهاڻيءَ کي گهڻو زور وٺايو ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ڪهاڻيءَ جو فن سچ پچ تہ فرانس ۽ روس کان سکيو. خاص طرح روس جو گوگول ۽ آمريڪا جو ايڊگر ايلن پو، جديد مختصر ڪهاڻيءَ جا عظيم معمار آهن. گوگول جي باري ۾ خود گورڪي چيو آهي ”تہ اسان سڀني

ٿي ۽ جيتري قدر انهن ڪهاڻين ۾ پنهنجي دور جي ڀرپور نمائندگي ملي ٿي، اوتري قدر هن دور ۾ اسالجيون ڪهاڻيون تعداد، معيار، توڙي جذبي ۽ اثر جي لحاظ کان تمام گهٽ آهن. افسوس آهي جو اسانجي نئين ٽهيءَ کي انهيءَ سلسلي ۾ تمام گهٽ معلومات حاصل ٿي سگهي آهي ۽ انهيءَ ڪري هو پنهنجي گذريل دور جي ادبي ڪارنامن ۽ سرمائي بابت اڪثر ڪري غلط اندازو لڳائين ٿا. زياده افسوس هن ڳالهه جو آهي ته ڪابه اهڙي ليبرئري، ڪوبه اهڙو ادارو يا ڪابه اهڙي شخصيت اسان وٽ نه آهي، جنهن وٽ اهو سمورو ذخيرو ذري پرزي موجود هجي.
در اصل اهو دور پنهنجي مڪمل معنيٰ ۾ سنڌي زبان جي ڪهاڻيءَ جو دور هو جنهن ۾ مختصر ڪهاڻين، ناول توڙي ناٽڪ جي حيرت انگيز حد تائين پئداوار ٿي، ۽ وڏن اديبن جي هٿان وڏا ڪارناما سر انجام ٿيا. منهنجو مقصد اٺين چوڻ مان پنهنجي نئين نسل جي فنڪارن جي درجي کي گهٽائڻ هرگز نه آهي، بلڪ منهنجي چوڻ جو مفهوم هي آهي ته اسانجي ڪهاڻي ورهاڱي جي اڳ واري دور ۾ قابل-فخر حد تائين شاندار ۽ شاهوڪار رهي آهي، جنهن جي واقفيت ۽ مطالعو اسانجي نون اديبن لاءِ بي حد مفيد ۽ بي حد ضروري آهي. مٿي جيڪي مثال مون پيش ڪيا آهن، سي مختصر نموني ۾ آهن. جيڪڏهن فرصت ۽ موقعو نصيب ٿيو ته ڪڏهن تفصيلي مقالو قلم بند ڪندس. ظاهر آهي ته اختصار جي ڪري، ڪي اهم نالا نظر انداز ٿي ويا هجن يا انهن جي ترتيب ۽ سلسلي ۾ خامي محسوس ڪئي وڃي، جنهن لاءِ منهنجي ڪوتاهي سان گڏ وري به مواد ۽ معلومات جي اڻ پوري موجودگي کي به هڪڙو سبب سمجهڻ کپي. اميد ته ڪنهن ادبي اداري طرفان هن ڏس ۾ ڪا مفيد ڪوشش ورتي ويندي.

سنڌي ٿيءُ سجاڳ...
سمهي وڃايو سڀئيءَ سندو سيج سهاڳ
ويني ورندو ڪينڪي آٿي جبل جهاڳ
لڏي لهرين وچ پيائو تنهنجو ڀاڳ
سنڌي ٿيءُ سجاڳ...
— عارف

# آڳاٽو ادب

مضمون :

سنڌ جي ادبي تاريخ

ڊاڪٽر دائود پوٽه

ڪهاڻي :

هيءَ به رانجهوءَ سنڌي رمز

امر لعل هنگوراڻي

ڊاڪٽر دائود پوٽه

# سنڌ جي ادبي تاريخ

هيءَ دنيا هڪ حيرت ناڪ هستي آهي؛ ساعت بساعت، سانڍي جيان، سوين رنگ بدلائي ٿي، گهڙيءَ گهڙيءَ نوان ويس ۽ روپ پائي ٿي، ۽ ويک مٽائي ٿي. ائين ڪوئي ڪونه چئي سگهندو ته هيءَ دنيا هڪ حالت ۾ قائم رهندي. سڪندر ۽ دارا پنهنجا وارا وڄائي ويا؛ پنهنجا نقارا ۽ نشان ڇڏي ويا. مصر، يونان، روم، ايران ۽ سريا جون قديم بادشاهتون به انهيءَ لهر ۾ اڙهي ويون. جدت پسند قدرت وري پيون قومون پيدا ڪيون، جن پڻ پنهنجي نوبت لنگهائي عدم جي واٽ ورتي. انهن جي هستيءَ جو نشان سندن تاريخ مان ئي ملي ٿو.

جيڪي به سڌريل قومون ٿي گذريون آهن سي پنهنجا ڪارناما دنيا جي پٽيءَ تي ڇڏي ويون آهن. سڀ ڪنهن قوم جي ذاتي حالت معلوم ڪرڻ جو مکيه رستو آهي سندس علمي ۽ ادبي خزانو؛ ۽ قومن توڙي ماڻهن جو بقاءُ سندن لياقت تي مدار رکي ٿو. سڀڪو شخص پنهنجا خيال ۽ جذبا پڌريائين پنهنجي ڪتب، پوءِ دوستن، ۽ آخر پنهنجي هم وطنين ۾ ڦوڪي ٿو. انهن خيالن جي زندگي سندس همعصرن ۽ پوين جي فيصلي تي ڇڏيل آهي، ۽ جيڪڏهن آهي جيئرا رهيا ته قومي ادب جي زنجير جي هڪ محڪم ڪڙي ٿي پوندا.

ڪنهن به قوم جو علم ادب، سندس تاريخ جي جدا جدا عرصن موافق، سندس خيالن ۽ جذبن جو آئينو آهي. ڪنهن به خاص عرصي جي تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ اسانکي پڌريائين آن عرصي جي علمي خزاني کي کولڻو پئي ٿو. سن ۽ حقيقتون تاريخ جو فقط بوتو ناهين ٿيون؛ پر انهن جي رڳن ۾ روح تڏهن پوندو جڏهن سندس ادبي تاريخ جو ذخيرو موجود هوندو، جنهنجي رستي اسانکي خبر پئي ته قوم جي قديم فردن جا ڇا ڇا خيال ۽ جذبا هئا، سندن علم جي مراد ڇا هئي، ۽ سندن رهڻي ڪهڻيءَ جا ڪهڙا چشما هئا. مطلب ته هر ڪنهن قوم جي هستي سندس عملي ۽ علمي ذخيري تي مدار رکي ٿي.

افسوس! اڍائي هزار ورهيه گذري ويا آهن ته سنڌ جي تاريخ ۽ علم ادب تي ڪوبه توجه نه ڏنو ويو آهي. موجوده وقت ۾ ڪي قدر ڪوشش انهي باري ۾ ورتي ويئي آهي، پر اجا تائين ڪو اهڙو معقول

نيجو نہ نڪتو آهي، ۽ ڪنهن بہ پوري روشني نہ وڌي آهي. سنڌ جي تاريخ ۽ علمي خزانہ هڪ پوريل دفتر ٿي رهندا، جيڪڏهن هر ڪو فرد انجي ڪوجنا ڪرڻ ۾ ڪوشش نہ وٺندو.

سنڌ ملڪ کي هڪ عاليشان تاريخ ۽ علمي خزانو آهي، جو اساڻجي اڻچاڻائيءَ ۽ وڏن جي لاغرضائيءَ ڪان ناس ٿي ويو آهي، ۽ جي هيئنر بہ اسين پنهنجون اکيون بيپرواهيءَ ۽ نيم-خوابيءَ ڪان نہ کوليندا سون تہ انهيءَ تاريخ جا رهيل کهيل آثار بہ آهستي آهستي ناپديد ٿيندا ويندا.

سنڌ جي تاريخ، سڪندر بادشاه جي اچڻ ڪان وٺي، ڪي قدر معلوم ٿئي ٿي. آن ڪانپوءِ سنڌ ۾ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جو راج هو جو ٧١٢ع تائين هليو. انهيءَ عرصي ۾ هندستان ۾ وڏا وڏا بادشاه جهڙوڪ وڪرماجيت ۽ اشوڪ، ۽ ٻيا وڏا شاعر جهڙوڪ ڪاليداس ٿي گذريا آهن. ڇا انهن جي بزرگيءَ جو پرتوو سنڌ تي نہ پيو هوندو؟ ڇا انهن جي اثر هيٺ سنڌ ۾ نثر ۽ نظم جي نهر نہ وهي هوندي؟ ضرور بہ ضرور؛ ڇاڪاڻ تہ قدرتي قاعدو آهي تہ انسان جي اندر ۾ شعر جي طاقت رکيل آهي، جنهن ڪري هو پنهنجا خيال ۽ جذبا، خوشي ۽ غم ظاهر ڪري سگهي ٿو؛ ۽ هميشه نظم، نثر ڪان اڳ پيو ويو آهي؛ تنهن ڪري آن زماني جا مکيہ ڪارناما، جنگيون، مذهبي ڪريا ڪرم، رسمون ۽ ٻيا مضمون شعر ۾ ادا ٿيا هوندا. پر افسوس! اهي دفتر زمين دوز ٿي ويا.

برهمڻ گهراڻي بعد سنڌ ۾ عربن جي حڪومت آئي. سڀني کي معلوم آهي تہ عربن پنهنجي ۽ ٻين قومن جي تاريخ جيڙي رکڻ ۾ ڪيتري قدر ڪوشش ورتي آهي. ڪيترا انهن مان دنيا جا وڏا مورخ ٿي گذريا آهن، تن ضرور اڳئين زماني ۽ پنهنجي وقت جون تاريخون لکيون هونديون، پر اهي گهڻي عرصي گذرڻ ڪري اڄ معدوم آهن. مونکي عربي ادبي تاريخن ۾ ڪن سنڌي شاعرن ۽ مورخن جا نالا نظر آيا آهن؛ پر جيڪڏهن وڌيڪ تلاش ۽ کوجنا ڪبي تہ گهڻي خبر پوندي.

سنڌ ۾ عربي حڪومت قائم ٿيڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ تي گهرو اثر پيو. جتي ڪٿي دنيا ۾ اسلام پير پاتو، آتي هڪ وڏي علمي نهر پيدا ٿي، ۽ عربي ٻولي ۽ عربي تمدن اڳوڻين ٻولين ۽ تمدنن جي جاءِ ورتي، ۽ سڀ لکپڙه عربيءَ ۾ ڪرڻ ۾ آئي. فارسي شعر تڏهن چوڻ ۾ آيو جڏهن عربي خلافت جو زور ٽٽو، ۽ ملڪ ملڪ تي ڇوٽا حاڪم راڄ ڪرڻ لڳا، جي ايراني نسل جا هئا. سنڌ ۾ عربن جي اچڻ ڪان اڳ ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت جو چرچو هو، ۽ ٻهرين گهراڻن جو نثر ۽ نظم

# سگن آھوجا

## ھڪ شاعر ۽ ڪھاڻي ڪار جنھنکي موت اسان وٽ سھي نہ سگھيو

ڏھين فيبروري ١٩٦٦ع تي، بمبئيءَ ۾، سنڌيءَ جو مشھور اديب ۽ شاعر، سگن آھوجا، فوت ٿي ويو. ھو جھڙي طرح ڀارت جي ادبي حلقن ۾ معزز مقام جو مالڪ ھو، تھڙيءَ طرح سنڌ ۾ بہ سندس فني حيثيت ڪنھن تعارف جي محتاج نہ آھي. شاعر ۽ اديب، افسانہ نگار ۽ نقاد جي حيثيت سان، سنڌ ۽ ڀارت جي مڙني موجود شخصيتن ۾، ھو ھڪ قدر لائق، مٿانھين جڳھہ والاري ٿو— اھا جڳھہ ھاڻي ڀرجڻ مشڪل آھي. ھڪ منفرد افسانہ نگار ھجڻ سان گڏ، ھن نظم جي گھڻو ڪري مڙني صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آھي، ۽ ڪيترائي تنقيدي مقالا ۽ مقدما بہ سندس انفرادي سوچ جو ثبوت آھن. ھونئن تہ ھر ڪنھن عالم، اديب ۽ شاعر جو موت قوم جو مجموعي نقصان سمجھيو ويندو آھي، پر ڪي شخصيتون اھڙيون ٿينديون آھن، جن جي موت ڪي قوم جي موت سان تعبير ڪيو ويندو آھي. سگن اھڙين شخصيتن مان ھڪ ھو. اسين پنھنجي ادبي دنيا جي ھن افسوسناڪ واقعي تي، يادگيريءَ طور، سندس چند لکيتون پنھنجن پڙھندڙ اڳيان پيش ڪريون ٿا جن ۾ ھڪ افسانو، ھڪ نظم ۽ غزل شامل آھن.

## الطاف

قربت اسانجي قلب جي مهمان نہ ٿي وڃي
ڪٽ پيار ۾ ڏکن سندو سامان نہ ٿي وڃي
منهنجي نظر جو گل جدا مونکان نہ ٿي وڃي
گلزار دل ٻهار ۾ ويران نہ ٿي وڃي
ڊپ آ متان ڪڪر ٻہ ولي منهنجو غم نہ ڪن
جهڙ ڪي ٻہ منهنجي درد جو ارمان نہ ٿي وڃي
مونکي وسار سونهن ۽ سڪ جا مجسما
۸ تو لاءِ منهنجي دل ٻہ پريشان نہ ٿي وڃي
الطاف پنهنجي شعر ۾ ايڏي نہ آهہ پير
۱ هيءَ آہ ڪنهن جي سور جو سامان نہ ٿي وڃي

گلن جي گود ۾ ٿيا خار گروي
رکيا منصور سيئي دار گروي
ڏئين جي پنهنجي دل مونکي تہ ڇا ٿيئي؟
دلين جا تو رکيا انبار گروي
زماني کان فقط هڪ هڪ گل وٺڻ لئہ
رکيم پنهنجا سيئي گلزار گروي
وڏو دنيا کي تو الجهن ۾ موسل!
وٺم آهن سنڌ ۽ اسرار گروي
کيو قابو نياز آهي تو منهنجو
رکيا مون تنهنجا سڀ آزار گروي

جنهن سان وهي اوير اور  
تنهنکي پيو هئو ساڳيو غم ١  
جنهن پيو مونکان مرڪ گهري  
تنهن کان لڙڪ ڪسي ورتم

سهڻي ڪندن جي سيج مٿان  
سهڻا سُرها خواب ڏٺم ٢  
رهبر هاڻ مونکي نہ رول  
مس مس کُولي راھ لڌم

ڏس تہ حياتي تنهنجي لاءِ  
ڪيڏا ڪيڏا سور سٺم ٣  
جنهن کان مٺڙو درد مليو  
تنهنکي ڳيڙو ڳيت ڏنم

اونده ماڻ پريل دنيا کي  
جيءَ جلائي جوت ڏنم ٤  
اڃا تہ الفت وندڙي آھ  
ونڻو آهي پيو جنم

لکي پيو جيڪي بہ وڻيس  
منهنجي هٿ وس ناھ قلم

●

سوجهرو ناھ ڪو ستارن ۾  
لطف ناهي حسين نظارن ۾  
ڪڏهين گلزار ۾ لڳي ٿي باھ  
ڪڏهين گل ٿا ٽڙن شرارن ۾  
درد دل ايترو وڌي ويو جو  
باغ دل ويو سڪي بهارن ۾  
ماڪ مکڙين جا لڙڪ ٻڄي پئي  
ڏس تہ گل ٿا روئن بهارن ۾  
گل ٿيندي ضرور خار ڇني  
مکڙيون ڇو رهن تيون خارن ۾؟  
مون مسرت کي آھ قربان ڪيو  
ڇو رکان آس پو بهارن ۾  
آھ اونهي ۾ زندگيءَ جو لطف  
ڪيف ناهي رهيو ڪنارن ۾

●

## قسمت

منهنجي قسمت ڪاري ڪاري
منهنجي همت پياري پياري
جنگ ٻنهي جي آهي جاري
وڪٽي پنهنجي پونجي ساري
همت ڪي ڏيندس مان سهارو
ٻو اي يارو، منهنجا يارو
قسمت پنهنجي آڻ مڃيندي
همت جڳ ۾ سرهي ٿيندي
سونکي سارو ڏيهه مڃيندو
هرڪو لاهي وهم ڇڏيندو
قسمت ڪي ڪوئي به نه پڇندو
همت سان ئي اڳتي وڌندو

## ڪنڊا

راهه گل ۾ اگر ڪنڊا ايندا
منهنجي دل ۾ سمائجي ويندا
خار ئي گل جي راهه آ ساٿي!
خار ئي منهنجا رهبر ٿيندا

مان ڪنڊو آهيان ڪنڊن سان پيار
مونکي گل ڏي وٺي وڃن ٿا هو
راهه ۾ جي ٿو بي خبر ٿيان مان
جاڳائڻ لئه مونکي چڀن ٿا هو

## ڪسوٽي

سون کي جيڪا ڪري روپي کان ڌار
جنهن جي تن من ۾ سدائين سچ جي سار
سچ کي سچ جيڪا سدا چوندي رهي
ڪوڙ کي سچ ڪرڻ کان ڏڄندي رهي
جنهنکي ڪچ کي سچ چوڻ جو ناهه حق
سچ جي سڪ جو جا ڏئي جڳ کي سبق
حق ۽ ناحق پرکي جنهن جو هڪ ڇهاءُ
جا ڪري ڪنهن کان نہ ڪوئي لڪ لڪاءُ
جا چڱائيءَ، سونهن سچ تي ڏئي ٿي ساهہ
آهہ جنهن جو پريت سان ابدي نباهہ
جنهنجي جوڀن ۾ نہ اچڻو آ زوال
جا ٽڪل راهيءَ جي لئہ گهوڙيءَ مثال
جيڪا اونداهيءَ ۾ پڻ چوڏهينءَ جو چنڊ
جا چمڪڻ ۾ زهرہ، اصلي آهہ ڪنڊ
جا ڪپت کان گنگا وانگيان پاڪ آهہ
جيڪا جڳ جي ظلم اڳيان بي باڪ آهہ
ڪوت ڪچ جا هڪ گهڙيءَ ۾ جا پڇي
ساري دنيا ٿي جنهين کان ونءُ وڃي
جيڪا ناحق کي ڪري ٿي بي نقاب
آندا جنهن تاريخ ۾ ڪئي انقلاب
جيڪا ماڻهوءَ جي سچائي زندگي
آهہ دل شاعر جي اهڙي ڪسوٽي

ڪڪرن کي ڇيري بہ رکي ٿي ڌرتيءَ تي چانڊاڻ
چانڊوڪيءَ کي ڪيسين روڪي ڪڪرن جي ڪاراڻ

## دوها

حسن جي لاءِ هاس سان حيران، مونکي چنڊ سڏيو
نديءَ ڪناري پڌل جهنگيءَ ۾، چمڪي پيو چڻ ڏيو

دنيا ڪوڙ سراپا ساري تون ٿي سچ سقراط
دنيا اونده پات مگر تون پرهہ ڦٽي پربات

# گيت

توکي ساري ساري سائين !
جاڳي پيا جذبات
ڇا ٿيو اگر نہ آئين ۽ رات

چنڊ وٺن مان جهاتي پائي
ڪجهہ مسڪائي ڪجهہ شرمائي
مونسان ڪري پيو بات
... نہ آئين ۽ رات

ڪڪرن مان ٿي سور سليا مون
هر ٿي رنا جي لڙڪ جهليا مون
رئندي ٿي پرڀات
... نہ آئين ۽ رات

جيئن جيئن وڄ چمڪاٽ ڪريتي
منهنجي دل تيئن مڏڪا پريتي
لڳن ٿا کهري ڪات
... نہ آئين ۽ رات

دريا ڪنهنکي ڀوڙي ڪناري
ڪنهنکي موجن ۾ ٻيي تاري
توکي ٻہ ساڳي ڏات
... نہ آئين ۽ رات

هر دم منهنجي دل ۾ رهين ٿي
ڏک ۾ سک ۾ ياد پوين ٿي
هر دم تنهنجي تات
... نہ آئين ۽ رات

مون لئہ ڪا بہ نہ آهي ڪم جي
جهڙي رات آ درد ۽ غم جي
تـــهڙي شـــب بـرات
... نہ آئينءَ رات

صبح تيڻ سان ڊهي ويا سي
توسان ملڻ لئہ اڏيا هئم جي
خـوابـن جـــا مـحـلات
... نہ آئينءَ رات

# گيت

لڏيءَ ڪناري آءُ الا او
آءُ ڪريون ڪا روح رهاڻ

منڙيون منڙيون ڳالهيون ڪرائين
موجن منجهہ اڇي وڇي جيئن
مـانـيـڊو دريـا الا او
... ڪا روح رهاڻ

تنهنجي ياد جي ذهن تي اڀري
رات سياري جي ڪيئن گذري
لڳي اتر جو واءُ الا او
... ڪا روح رهاڻ

گهڙي پلڪ تہ ملي آ منڙي
سا بہ نہ کهار رلي ۽ روئي
آءُ ڪريون سرچاءُ الا او
... ڪا روح رهاڻ

ڦتن پرسوائي

# البيلي نار

هڪ البيلي نار، نهرجيان، لوڪ ڇڏي آمنگن ڀري
دل ڪٺي،
هلي ساگر سندي ساجن سان ملڻ
ڳائيندي ، جهومندي پئي وڃي
خوشيءَ سندس جو پار ئي ڪين!
اندر ۾ آڪير اِلاهي پرين پسڻ جي
ملي سمائجي وڃڻ جي
ڪئين ته هئس من ۾ مرادون سانديل
پر الا!
هن هڪ ٻه نه پڇايس
نه مرڪيو، نه نيڻ ئي تڙيس
نه گلي مليس نه چاه مان چميائينس
مانيٽو ۽ سانت چت
فيلسوفن جيان پنهنجن پورن ۾ پورو
ننيڍڙي ڪنوار ڳري جو ڳري ميڻ جيان
چپ ئي چپ ڪنڌ وني ليٽي پئي ،

هنئون پئي جهجيس
من ۾ پئي چوي: هاءِ هاءِ، منهنجو انگ اڙيو هن
نرموهيءَ سان!
منهنجو ساهه اڃي تو ۾ اٽڪيو آهي!
سدا توکي پسندي رهڻ جي آس ڪئيو پئي ڦران
ڏسندي دل پئي آڇلون ڏئيم
لهر جيان!
سڄي ڏاڍي ٿي ڪانءُ!
آڏو ويٺو رهيم ته پئي تڙان ۽ تران
رهائين ۾ رتي رهان پهرن جا پهر
پاڻ سندي ياڳ واري ڪا يانيان ڪانءُ!
پر جنهن ويل تون بي آونءِ اچانڪ پر سان آٿيو وڃين
تڏهن من ۾ پئي چوان: هاءِ هاءِ، منهنجو انگ اڙيو
تو نرموهيءَ سان!

چنچل هي منهنجو من، ويڳاڻو ٿي پوي تو وٽ پنيان!
تنهن ڏينهن آسمان هو ڪڪرن سان ڪارو
هير تي منو منو ڳاتو
پنن ۾ پاتي هئي چير ڪٽي!
بي چئي هيءَ منهنجي دل رهي ٿي ڪين
بيٺي نچي!
توسان اچي انگل ڪيم:
پريتم، اڄوڪي ڏينهن مونکي اڪيلو ڇڏي ڪاڏي
باهر نه وڃ
تو مرڪي ڳالهه ٿي ٽاري ڇڏي
پڳلي! اهڙا ڏينهن ته روز روز پيا ايندا
چئي، نڪتو وئين
پٺ ورائي ڏٺئي ۾ ڪين!
تنهن ساعت منهنجو هنيون جهل ٿي نه ڏي
نيڻ پئي ٽميا

دل ۾ ٻڌي چوان: هاءِ هاءِ منهنجو انگ اڙيو تو
نرموهيءَ سان!

سڀ آهي هن سڪتي ياڳ جي وس!
نجاتان الاجي ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ توسان ٻيچ پيم
سڀي قابو ڪٿي ڪئي منهنجو ساهه
هاڻ توکان ٻل ٻه پري رهيو نٿو ٿئيم
جت تون وسين تت منهنجو من ٻه ڀيو پنڪي
چت ۾ چڻ ٿي ڪينهي
چوان: توکي ايترا سک ڏيان
ٽڙندو رکان
جو تون سدا مونسان ٿي جڙيو رهين
نه کسڪين نه وڇڙين
نه پلجين نه پڇين
صرف توکي پاڻ جو هي لوبڙ!
ٻر جڏهن چت ڏاڍو ڪري تون ڏينهن جا ڏينهن
ٻري گذارين
تڏهين منهنجو من پيو ڦاٿي ٻراٿي ڪاڳر جيان!
سارو سارو ڏينهن وڃي هنجون هاريان
چوان: هاءِ هاءِ منهنجو انگ اڙيو تو نرموهيءَ سان!

امداد حسيني

## تشبيه

تنهنجو منهن
هو بهو تو جيان !
زندگي آهي پياري
حسين ۽ جميل
مه جبين مه جبين
مه لقا مه لقا
مرڪندڙ مرڪندڙ
بي خبر بي خبر
دلنشين دلنشين
دلربا دلربا
گلفشان گلفشان
گلبدن گلبدن
خوش نظر خوش نظر
خوش ادا خوش ادا
هو بهو تو جيان
بيوفا بيوفا !

## گوري

گوريءَ تي ڳچ
ڳچ تي ڪاوا
ڪاون ۾ پيو سورج جرڪي
ڇوري ڇرڪي
ڇرڪ ڇرڪ تي ڇم ڇم تي مرڪي
مرڪ مرڪ تي دل تي سرڪي

## سزا

گلن تي ماڪ پئي ، ڇوسجي وڏي ۽ سڄ
سموري رات انڌيرن جي سمنڊ ڪي جهاڳي
بسنت رات جي دهليز تي جڏهن پهتو
ته ڇا ڏنائين ته هڪڙي گناهگار ڪلي
سهاڳ جهڙي ۽ ننڍي نيٽي لرم لرم ڪلي
ٽڙڻ کان اڳ ۾ پئي ڪنڊي جي ڇنب تي لڙڪي

قمر شهباز

درد جي ڪائي لاٽ اٿي آ
دلڙي ھائي ڏيرج ڪھڙو — ؟

ڪھڙي ڪاڪ پڪاريو آھي
ڪھڙي مومل ساڙيو آھي
ڪھڙي نيرون سُر جي ڪارڻ
روم ڪي ٻيھر ٻاريو آھي — ؟

ڪھڙي چنڊ، چڪوري ٻنجي
پنھنجي پاڇي پاڻڻ خاطر
ٻن ٻن روئي ڳايو آھي
پرينءَ ڪي پرپائڻ خاطر — ؟

## لاٽ

مان راڻو ناھيان —
راڻي جو ٻھروپ سھي
پوءِ ٻي آخر ڪينءَ چوان
ڪھڙيءَ چانڊوڪيءَ جي خاطر
آيو آھيان:
جنمن جي پھچاڻ چڙي
ابديت جا اھڃاڻ چڙي
چاھت جي چانڊاڻ چڙي
پنھنجو آيس پاڻ چڙي — !

منھنجا ھمدرد — منھنجا قاتل
اوري آءُ، تون اوري آءُ —
منھنجي دل جي ويرانن ۾
ڪاري ڪاري ٻات تہ ڏس — !

••

بوند بوند لڙ ترسيو آهيان
اندر جي اوُسات ته ڏس — !
اميدن جي، آشنائن جي
صدين کان جا سانڍيل آهي
دل جي گھائل گھراين ۾
درد جي ڪائي لاٽ ته ڏس — !

ڪو ته هجي جو اکڙيون ڌوئي
آنسو ميڙي، مالا پوئي
ڪو ته هجي جو پريم سوئي
دل جو درد ڇپائي، روئي — !
ڪو ته هجي — لا ! ڪو ته هجي —
ڪو ته هجي مون ديواني سان
هن ويراني بستيءَ ۾ — !

سنگتين جا سهڻا ساٿي
مون ته وڃايا مستيءَ ۾ — !
ڪو ته هجي

واڌي

نگر نگر جو ننگو ماڻهو
هوڏ ڪري ٿو هستي ۾ — !
ڪو ته هجي

پنهنجي ڪارڻ پوڄارڻ ۾ي
پيار وڃايو پستيءَ ۾ — !
ڪو ته هجي

قمر شهباز

# دوها

پري پري کان واجهائي ٿو، اڄ ڇا لاءِ پتنگ
اڄ ڇو ويٺا ويٺي روئي، ڇپ ڇو آهي ڇنگ — ؟

اڄ ڇو منهنجي من ۾ ڪوئي مرڪيو ناهه ڪنول
بات ٻات تي ٻرجي آيون، اکڙيون هاءِ، اجهل — !

گنگا جمنا کان ٻي پوتر هيءَ نيڻن جو نير
تير ڇپوئي، ويـر بنايو سنگم آهه سرير — !

پياسا پپاڪا، هاريا ڳولي، مڌ جهڙي ڪا منڌ
هرڻيءَ جهڙي هوڏ جنهين جي، ساهن منجهه سڳنڌ — !

مڌ جهڙي ڪا منڌ ٻـلا ڇو ڳـولي منهنجو جيءُ
اکڙين سان اکڙين ۾ اوتي، چوي ”ڇريا هي پيءُ —“

مڌ جهڙي ڪا منڌ الا، ڇو منهنجو ڳاراٽو ٿو ڳولي
سهسين ساوڻ آيا ليڪن، ڪوئي ڪيپ اسانجا ڪولي — !

مـڌ جـهڙي ڪـا منڌ، ٻـلا ڇـو ڳولي ڳـاراٽو
جنهن ريءَ مـوڪـو ميخانو آ، ساقي آ ساٽـو — !

٥٧

نذير قاضي

Translated

## وائي

پنبڻين ۾ جو پاڻي آيو، تنهن ۾ درد هزار  اوا ديوي
تنهن ۾ درد هزار
ويرانن ۾ پٽڪن، تڙپن، پياسا پنهنجا پيار  اوا ديوي
تنهن ۾ درد هزار
گلشن، صحرا، چوندي چوندي، خوشيءَ کنيا سين خار  اوا ديوي
تنهن ۾ درد هزار
جنهن تند جونا گُڙهه جلايو، تني ٻئي ساتار  اوا ديوي
تنهن ۾ درد هزار
سچ جا ساٿي، رند الستي، دور نه پائڻ دار  اوا ديوي
تنهن ۾ درد هزار
پيت رکاڻو چرنن تنهنجي، لڙڪن جا هي هار  اوا ديوي
تنهن ۾ درد هزار

## نظم

وڃين ٿي ته دل ته ــي ليچي ۽ اچي
ائين جيئن لڳا کنهن هرڻ کي ڪي تير
يا کنهن بي زبان جي سريءَ تي ٻُي سير
سندم دل جي ديوي عرض اهي هي
خدارا! نگاهن کان پاسي نــــ ٿي

## قطعو

محبوبين ته الفت وڏو جرم آهي
محبوبين ته انجام انجو پيانڪ
مگر جيسين 'ڪيوپڊ' سندو ڪرم آهي
ته ملنديون ٿي رهنديون نگا هون اچانڪ

**جواس سپروالي** جديد فرانسي شاعر آهي. هو بودليئر Baudelaire ۽ ان کانپوءِ ولٽ وٽمئن Walt Whitman کان متاثر ٿيو، پر هاڻي بين‌الاقوامي ادب ۾ پنهنجو جدا رنگ قائم ڪيو اٿس. هو شاعريءَ کي هڪ اهڙي خواب جو نتيجو ٿو سمجهي جيڪو لاشعور ۾ لڪل آهي، پر هو بي مقصد خواب ۾ يقين نٿو رکي. هو خوابن ۾ به هڪ نوس حقيقت جو متلاشي آهي. هنجي خيال ۾ شاعري لاءِ ڪا خاص ساعت يا محرڪ جي ضرورت ناهي. هو شاعر کي به سائنسدان وانگر هر وقت ڪم ۾ مشغول رهڻ جو مشورو ٿو ڏئي. اڄڪلهہ هو پئرس ۾ رهي‌ٿو.

جولس سپرولي

تنوير عباسي

# ڪيڏي ڳوري آ زمين

ڪيڏي ڳوري آ زمين
ڪيڏي ڳوري آ زمين
هر ڪنهن ماڻهوءَ کي آ پنهنجي ڪلهن تي پنهنجو بار
هر ڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ آ مصيبت سان دوچار
بار مردن تي رکو کي مڻ متي
آهي پر جڙن متان ڌرتي سڄي
سارو ڳولو آهي جڙن جي پڻن تي هاءِ هاءِ
ائٽلس — او ائٽلس آهيون اسان سڀ تنهنجا يار
بي شمار آهيون اسين ۽ بيڪران ۽ بي قرار
هاءِ هي ڌرتيءَ جو بار
هاءِ هي ڌرتيءَ جو بار!
هيءَ ڌرتي آ اڪيلي هيءُ ڳولو آهي هڪ
پو بہ هر هڪ کي اهو ڪٿو الڳ آ — هر پلڪ
ننڊ جي گهرائين ۾ پيي ٿئي محسوس ٿڪ
(ڇو تہ ننڊ ۾ پيي اسان تي بار ڌرتي جو پيل)
ڇڇي ويو آ روح ان بوجي کان پنهنجو بار بار
هاءِ هي ڌرتي جو بار!
روز جي معمول کان ڳوري لڳي ٿي هيءَ زمين
جنگ جي دوران ۾
۽ اسان پنهنجي ٽڪل ٻانهن ۾ انجي درد کي
ڄاڻندي، هر دم، ٻڌون ٿا انجي آهي سرد کي
درد جون دانهون سندس عرشين اڏن
۽ خلائن ۾ ڪيو واڇٽ وڃن
پر اسانکي هيءَ ڌرتي، درد جو ڳولو ڪٺي
اڳتي وڌنو آ اڄا
اڳتي وڌنو آ اڄا
جيئن اهو 'اڄ' کان وڌي
اڳتي — 'سڀاڻي' ڏي هلي

## مولانا احمد ملاح

### بسم الله

اول نام الله جو، برڪت بيشمار
سو ڏيهن جو ڏاتار، سو سڀاجهو سڀڻ پرين.

### الحمد لله

آهي هڪ الله کي، تعريف توڙ تائين
جو جڳا جڳ جڳن جو، ڏئي ڏريائين
ڏاتار ڪل ڏيهن جو، سخي سدائين
سڀاجهو سائين، حاڪم روز حساب جو.

توکي پوڄيون پاڪ ڏئي، رکي چاهه چڱون
توکان مدد مڱون، آهيون تنهنجي آسري.

رب اسانکي راهه، سائيم سنئين سهائيين
واحد وات انهنجي، جن تي وڙ ڪيئي وهواهه
ڏاران تن ڏارين، جن تي ڦهرن ڪاهو ڪاهه
پڻ نه مورک مورهين، جي گس ڪنان گمراهه
آمين يا الله! آڪا عرض اگهائيين!

( بسم الله ۾ سوره فاتحه جو ترجمو )

## ڪافي

ڦٽو سک سومرا! منهنجو، سٿي ماريا ۽ مانگيڙا
ڪڏهن ايندم، وڃي ويندم، منجهان هن ڪوٽ ڪنگيڙا
حويليون، هار، هيرا، هس، حوالي حاڪمائين جي
جواهر، لعل، جهومڪ، جهوڙ، جهولائن نه جهانگيڙا
وڇڻءَ ويلي، ورڻ جو، ساڻ ويڙيچن وچن وچ ۾
عمر! ويٺي ڏسان واٽون، ورن ڪي شال وانگيڙا
ڀرم ڀاروڙين ۾ ڀانئم، ڀونگا ڀت مٿي ڀيڙا
ڀلا مون لاءِ ڀاڳيڙا، ڀليا ڀانئين ڀانگيڙا
سندم هن سونهن، صورت جو، سٺايو سومري ڪي جن
ڀوي تن پير ڪاريءَ تان، ڏسن ڏنگيل نه ڏانگيڙا
اباڻا اڄ نه اڳين هنڌ، 'احمد' ويا آتي اڪري
ڪٺي مارنگ، وڃي مارڳ، ويا ڀي ماڳ مانگيڙا

## ڪافي

وطن شال وران، ڀانور ڀت ڀران
مارڙين منجهه ميان! منجهيو منجهيو مران
پرهه پچارون لايون پانور پار پکيز
عمر اباڻن ڏي، اڄ ڀڻ آر اکيز
پيڙي تر تيان ڏکن منجهه ڏران
مارئي مارڙين ۾ مارئن تي ڪي مينهڙا
ڏني ڏن ڏوٿين ڪي ڏاڍا تيم ڏينهڙا
هت تي جاڙ جيان سارِيو سور چران
آب اڪير اندر اکين، ارتو اوتيا
موت برابر موتي، سور نه گهرجن موتيا
پلر پاڪ پيان، ڳاڪين لاءِ ڳران

## ڪهاڻيون

درد جا رشتا
پيار ۽ پاپ
رت رت جو فرق
بکي
مجسمو
قرض
موٽي آئي ياد
ٻيءُ

## ڪهاڻي ڪار

آغا سليم
موهن ڪلپنا
زيب ڀٽي
نذير قاضي
علي بابا
ظفر حسن
طارق اشرف
مائيخيل شولوخوف

شام جو آسمان تي ڪڪر مڙيا بينا هئا ۽ ڦڙڦڙ تي پيئي. ٿڌيون هوائون جسم جي آرپار ٿي هليون ويون. مان مقرر وقت کان ٿورو اڳي هوٽل جي سامهون بيهي هن جو انتظار ڪرڻ لڳس. ٿوري دير گذري ته هوءَ ٽيڪسيءَ مان لٿي. ڪيس وڏو ڳاڙهو ڪوٽ پيو هو. مونکي ڏسي تڙي پيئي. مون اڳتي وڌي سندس هٿ هٿ ۾ جهليو.

”هائي، ڪيڏو نه سيءُ آهي! تنهنجي ملڪ ۾ به هيڏو سيءُ پوندو آهي؟“

”ها. اسان وٽ به ايتروئي سيءُ پوندو آهي. پر جون ۾ نه، ڊسمبر ۾ پوندو آهي.“

”مان به ڪيتري نه بدتميز آهيان جو هن مهل تائين نه پنهنجو نالو ٻڌايو اٿمان ۽ نه تنهنجو ئي نالو پڇيو اٿم. منهنجو نالو سوسن آهي. ۽ سڀئي مونکي سوزي چوندا آهن.“

”منهنجو نالو ڏاڍو ڏکيو ۽ ڏکيو آهي، انڪري تون مونکي احمد سڏي سگهين ٿي.“

اسان هوٽل ۾ اچي ويناسين. ٻنهي وسڪي گهرائي ۽ پيئڻ لڳاسين.

”سوزي ڳالهه ٻڌ. مان مشرقي آهيان ۽ پنهنجي مشرقي تهذيب ۾ ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين رچيل آهيان. انڪري جي اوهان جي مغربي آداب جي خلاف ڪجهه ڪري وجهان ته مونکي ٻڌائجانءِ.“

”مان ته پاڻ خوش ٿيندس جي تون هتي به پنهنجي مشرقي نموني ۾ هلندين.“

”جي هتي مشرقي نموني ۾ هلان ته پوءِ سڀ کان پهرين هن سامهون ويٺل ماڻهوءَ کي سڏو ڪريان جيڪو يڪو توڏانهن نهاري رهيو آهي.“

هوءَ کلي ويئي ۽ چيائين.

”اوهان مشرقي عورت جي معاملي ۾ ڏاڍا ساڙيل ٿيندا آهيو.“

”اسان ان ساڙ کي غيرت سڏيندا آهيون. اصل ۾ اسان مشرقي مڙد عورت جي حفاظت کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهندا آهيون.“

”اسان مغربي عورتون به چاهينديون آهيون ته اسانجي حفاظت ڪئي وڃي. پر مغربي مڙد ان ڳالهه مان چا ڄاڻين. اسانجي گهريلو ناچاڪي، طلاقون، حد کان وڌيڪ آزادي ۽ جنسي بي راه روي جو وڏو سبب اهو آهي جو اسين پنهنجو پاڻ کي غير محفوظ سمجهنديون آهيون. حد کان وڌيڪ آزاديءَ اسان جي شخصيتن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪري ڇڏي آهي.

اسان پنهنجي حفاظت به چاهيون ٿيون ۽ آزادي به ڇڏڻ نه ٿيون چاهيون."
هن وسڪيءَ جو ڍڪ پريو ۽ چيائين.
"هاڻي مونکي پاڪستان جي رهڻيءَ ڪرڻيءَ بابت ٻڌاءِ."
"اسانجو ملڪ سکيو ۽ ماڻهو سکر آهن." اچان ايترو مس چيم ته پنهنجو ڪلارڪ ياد پيم جنهن کي سو رپيا پگهار ملندو هو، جنهن کي ڇهه ٻار هئا ۽ جنهن جي زال کي سلهه هئي. زال کي سينٽي ٽوريئم ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ درخواست موڪلايائين ته ڪيس زال مرڻ کانپوءِ اجازت نامو مليو. حد نظر تائين ڦهليل جهريل جهوپڙيون؛ جهول جهلي واٽهڙن کان جيئڻ جو حق پنندڙ بڪارن جا هشام، چنگهندڙ جهرندڙ محنت ۾ ڪپاتيل، رت اوڳاڇيندڙ پيلا، بي نور مرڻينگ ماڻهو. هي پاڪستان آهي، هي ايشيا آهي— صديون کان غلام ايشيا، ڪاري، ڪوجهي، بيمار ۽ بکي ايشيا! مون يڪدم وسڪيءَ جو گلاس کنيو ۽ ڳيت ڏيئي پي ويس.
"مون ٻڌو آهي ته اوهين عورت جي عزت نه ڪندا آهيو."
"اسان ته عورت جو احترام ڪندا آهيون. منهنجي ٻوليءَ ۾ چوڻي آهي ته نياڻي ست قرآن آهي. مڙد جڏهين نياڻيءَ جو قسم کڻندا آهن ته مري به اها ڳالهه پوري ڪندا آهن."
(۽ جڏهن ان نياڻيءَ جي شادي ٿي ويندي آهي تڏهين سندس کهڙو حشر ٿيندو آهي.)
مون يڪدم بيري کي سڏي ٻيو پيگ گهرايو.
"پلا اوهان جون عورتون پردو ڪنديون آهن؟"
"ها."
"تون پردي جو قائل آهين؟"
"عقلي طرح نه آهيان پر جبلتي طرح ڏاڍو قائل آهيان."
"مائٽن جي مرضيءَ سان شادي ڪندا آهيو يا پنهنجي مرضيءَ سان؟"
"مائٽن جي مرضيءَ سان."
"شاديءَ کان اڳ پنهنجي ٿيڻ واري ونيءَ کي ڏسندا آهيو ته سهڻي آهي يا نه؟"
"سونهن جي معاملي ۾ اسان کي پنهنجي ڀينرن ۽ مائرن جي ذوق تي اعتبار ۽ اعتماد ڪرڻو پوندو آهي."
"جنهن کي ماءُ يا ڀيڻ نه هجي ته پوءِ؟"
"پوءِ پاڃائي."

ڏنڙيل، ڏڪاريل، پنهنجن خوابن جي ميتن تي روئيندڙ ليڪڪ ڪيئن وڏا ماڻهو ٿي سگهن ٿا.

اوچتو هال جون بتيون وسامي ويون ۽ سامهون اسٽيج تي تيز روشني وارا بلب ٻرڻ لڳا ۽ ٻه چار عورتون ۽ مڙد ساز وڄائڻ ۽ نچڻ لڳا. مون سوزيءَ کي ڪن ۾ چيو.

”هوٽل وارن کي سهڻين ڇوڪرين کي اندر اچڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي.“

”ڇو؟“

”انڪري جو سندن بتين وسائڻ جو مقصد فوت ٿي ويندو.“

”ڪيئن؟“

”ڏس ني هنن بتيون وسائي ڇڏيون آهن ته جيئن هال ۾ اونده ٿي وڃي پر تنهنجي چهري جي نور ۾ سارو هال پيو جرڪي.“

هوءَ کلي ويئي ۽ چيائين.

”تو کي عورت سان گفتگو ڪرڻ جو ڍنگ اچي ٿو. جي هن پارٽيءَ ۾ ڇوڪرين کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيءَ ته پڇائي ويندءِ.“

هيٺر اسٽيج تي ساز تيز ٿي ويا ۽ ٻه چار عورتون ۽ مڙد سازن جي تيز لئي تي نچڻ لڳا. هال ۾ ويٺل ماڻهو بي اختيار ٿي تاڙيون وڄائڻ لڳا.

”ڪيئن اسانجو مغربي ناچ پسند اچيئي ٿو؟“

”مونکي ته ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ سيني کي ماليخوليا ٿي پيئي آهي يا ڪين ڏينهو پيا ڏنگ هڻن.“

ٿوري دير تائين اسان اهو ماليخوليا وارو ناچ ڏسندا رهياسين ۽ پوءِ جڏهن نو وڳا ته اٿياسين.

سوزيءَ جي ساهيڙيءَ جي گهر ۾ گهڙياسين ته هن ڏاڍي سڪ سان اسانجو آڌرڀا ڪيو. سوزي اسانجو تعارف ڪرايو ۽ مونکي خبر پئي ته هن جو نالو ايليس آهي. ايليس چڱي سهڻي ڇوڪري آهي. پر سوزيءَ جي سامهون سندس سونهن مونکي متاثر نه ڪيو.

”ايليس. احمد پنهنجي ٻوليءَ جو ليکڪ به اٿيئي، پنهنجي ملڪ موٽندو ته آسٽريليا جي پس منظر ۾ ڪهاڻيون لکندو، سو هن کان مڙيئي ڊپ ڪجانءِ ته ڪٿي پاڪستاني پڙهندڙن ۾ بدنام نه ڪريئي.“

”پوءِ ته احمد خطرناڪ ماڻهو چئبو. هائي هلو، پنهنجا پنهنجا گلاس

ڪٿو ته احمد جو مهمانن سان تعارف ڪرايان. مون سڀني مهمانن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته اڄ اسانجو هڪڙو پاڪستاني دوست به اچڻو آهي، سو سڀئي احمد جا منتظر آهن."

اسان پنهنجا پنهنجا گلاس کنيا ۽ ايليس اسان کي هڪڙي وڏي هال ۾ وٺي آئي. هال ۾ هلڪي هلڪي اونده ڇانيل هئي، مڌم سرن ۾ سازن جا ريڪارڊ وڄي رهيا هئا ۽ عورتون ۽ مڙد ننڍين ننڍين ٽولن ۾ ويٺا ڳالهيون ڪري رهيا هئا. سوزيءَ ته چيو هو ته ايليس عام ۽ غريب عورت آهي. پر هن وٽ ڪهڙي شيءِ جي ڪمي هئي. ڪار، ٽيليفون، ٽيليويزن، پيانو، فرنيچر، قالين. سنڌس گهر اهڙو ته سينگاريل هو جو اسانجي ملڪ ۾ ڪنهن رشوتي سي. ايس. پي آفيسر جو گهر به اهڙو سينگاريل نه هوندو. اچي ۽ ڪاري غربت ۾ به ڪيترو نه فرق آهي!

"خواتين و حضرات،" ايليس اعلان ڪندي چيو "مان ڏاڍي فخر سان پنهنجي غير ملڪي مهمان احمد جو اوهان سان تعارف ڪرايان ٿي. اچو ته اسان پنهنجي پاڪستاني دوست جي صحت جو جام پيئون." سڀني مهمانن پنهنجا پنهنجا گلاس هوا ۾ لهرايا ۽ چپن تي چاڙهي پيئڻ لڳا.

مان هڪڙو گمنام ۽ بي نشان ليکڪ اڄ ڪٿي اچي نڪتو هوس. ڇا اهو مان ٿي هوس، جنهن جي هڪ پاسي سوزي ويٺي هئي ۽ ٻئي پاسي ايليس ۽ جنهن لاءِ هيڏا سارا اچا مهذب ماڻهو، اسانجا اڳوڻا حاڪم، هاڻي جا رزاق، ڪارن لاءِ ڪوريا ۽ ويٽ نام ۾ وڙهندڙ اڇا مهذب ماڻهو، جام خالي ڪري رهيا هئا.

"مهربان،" ايليس جو آواز گونجيو، "مان اوهان کي خبردار ڪريان ٿي ته احمد ليکڪ آهي. سو هن سان خيال سان هلجو ته ڪٿي سنڌس قلم جو شڪار نه ٿي وڃو."

ٿورڙي دير ۾ مان مهمانن جي گهيري ۾ هئس. هر ڪنهن پنهنجو تعارف ٿي ڪرايو. پوءِ ته سوالن جا سلسلا شروع ٿي ويا.

"پاڪستان ڪٿي آهي؟"

(دنيا جي نقشي تي)

"هنيئر به اتي راجا مهاراجا آهن؟"

(سڀ ڪجهه ساڳيو آهي رڳو نالا بدلجي ويا آهن)

"پاڪستان جي آدمشماري ڪيتري آهي؟"

(اسانجو سفارت خانو چيا ٿو ڪري!)

منهنجي پهرين خط ۾ هن خط جي وچ ۾ وقت جي جيڪا وڇوٽي آهي، تنهن ۾ ڏاڍا عجيب واقعا پيش آيا آهن. اهو ايترڙو عرصو منهنجي ۽ سوزيءَ جي وچ ۾ مشرق ۽ مغرب جي فاصلن جيان حائل ٿي ويو آهي. ويجهڙائي ڪيئن دوري ۾ بدلجي وڃي ٿي. ساه ڪان ويجها سپرين ڪيئن آوپرا ۽ اڻڄاڻ ٿي وڃن ٿا. ڇا سڀئي انساني ناتا رشتا وقت جي اڪ پوٽ راند آهن؟

ان ڏينهن توکي خط لکي آفيس ويس. مان واندو ٿيس ته سڌو لئبريري ۾ وڃي پهتس. مونکي ڏسڻ سان سوزيءَ جي چهري تي مرڪ ڦهلجي وئي.

”ڪلٽا انسان. تنهنجي مرڪ ڏاڍي وچڙندڙ بيماري آهي. هڪ ڏينهن تو سان گذاريو اٿم ته مونکي به اها بيماري وٺي وئي آهي. هر وقت ٿي مرڪندي وتان. ڀلا ٻڌاءِ راتوڪي پارٽي پسند آئيءِ؟“

”ڏاڍي پسند آئي.“

”اڄوڪي پارٽي راتوڪيءَ کان به وڌيڪ پسند ايندءِ.“

”اڄ به ڪنهن پارٽيءَ ۾ هلڻو آهي ڇا؟“

”صفا ڪو ويسارو آهين. راتوڪي ڳالهه به ياد ڪانهي.“

”اصل ۾ رات ايترن ماڻهن ته دعوتون ڏنيون جو ياد ئي نه رهيم ته ڪنهن ڪنهن دعوت ڏني آهي.“

”رات جنهن خوبصورت عورت پنهنجي تواريخ داني ڏيکارڻ لاءِ توکان اجايا سجايا سوال ٿي ڪيا. تنهن اڄ پارٽيءَ ۾ سڏايو آهي. منهنجي ته رات واقف ٿي آهي باقي ايليس جي سو پراڻي ساهيڙي آهي. اسان مغربي عورتون غير ملڪين سان دوستي پيدا ڪرڻ ۾ ڏاڍو فخر محسوس ڪنديون آهيون. تون ستين لڳي مون وٽ اچجانءِ ته پوءِ اوڏانهن هلنداسين. ايليس به مون وٽ پهچي ويندي. ڇڱو پوءِ ملنداسين. في الحال خدا حافظ.“

مان جڏهين سوزيءَ جي فليٽ تي پهتس ته هو ٻئي منهنجو انتظار ڪري رهيون هيون. اسان ايليس جي ڪار ۾ سندس ساهيڙيءَ جي گهر پهتاسين. هيءَ پارٽي به راتوڪيءَ پارٽيءَ جو نقل ٿي لڳي. ساڳيا ڏنگيندڙ جلندڙ جلائيندڙ چليل بادامن جهڙا بدن. پاڪستان بابت آيتا سيتا سوال ۽ منهنجا ڪجهه ڪوڙا ۽ ڪجهه سچا جواب. مان پنهنجو پاڻ کي ڪيترو نه اهم سمجهي رهيو هوس. هيءَ ساري پارٽي، پارٽيءَ جي ساري رونق، مسڪراهٽون، ٽهڪڙا ۽ سرگوشيون منهنجي ڪري هيون.

الدر آئي ويهاريو ۽ جالي ۽ جم سان تعارف ڪرايو مان. هو پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا ۽ مون يڪدم هنن لاءِ گلاس تيار ڪري ورتا. ايليس ماٺ ڪري ٻي رهي هئي ۽ سوزي ڏاڍي دلچسپيءَ سان هنن کان سندن ملڪ بابت سوال پڇي رهي هئي. ساڳيا سوال هن مولڪان به پڇيا هئا. تڏهين به هن جي چهري تي اهڙي ئي پاراٽي حيرت ڇانيل هئي. ڇا هن جو مونسان تعلق محض هڪڙي اجنبي ملڪ مان آيل اجنبي انسان ۾ قدرتي طور پئدا ٿيندڙ دلچسپي هئي. مون يڪدم ڳيت ڏيئي گلاس خالي ڪري ڇڏيو. سوزي هنن سان ڳالهائيندي رهي ۽ مان گلاس تي گلاس خالي ڪندو رهيس. هينئر سيني جي اکين تي مد جا ڪيپ چڙهڻ لڳا. سوزي جي اکڙين ۾ ڳاڙهاڻ ترڻ لڳي. هن اٿي ريڊيو آن ڪيو، ريڊيو تي ساز وڄڻ لڳا. سوزي مولکي پانهن کان اچي جهليو.

”اٿ ته نچون.“

”مان نچڻ ڪونه ڄاڻان.“

”تون اٿ ته سهي مان پاڻيهي سيکاريانءِ ٿي.“

مان اٿيس ۽ پانهن سندس چيتي جهڙي چيلهه جي چوڌاري ورائي، ڪيس سيني سان لائي، سازن جي هم آهنگي ۾ قدم اڳتي ۽ پنتي کڻڻ لڳس. هوءَ منهنجي ڪيترو نه ويجهو هئي. سندس انگ انگ تي مونکي ڇهيو.

”ڪلٽا انسان. اڄ ائين خاموش ڇو آهين؟“

”پهريون دفعو توکي ايتري ويجهڙائي کان ڏٺو اٿم ۽ تنهنجو حسن ڏسي حيران آهيان“

”تنهنجيون ڳالهيون ڏاڍيون رومانوي ٿينديون آهن.“

”سوزي تون ڏاڍي حسين آهين.“

”مهرباني.“

”توکي ته ايشيا ۾ پئدا ٿيڻ گهربو هو.“

”ايشيا ۾ پئدا ٿيان ها ته هينئر ڪنهن پاڪستاني جي حرم ۾ هجان ها ۽ ڪوٺن ۾ بند هجان ها. جيئڻ جو مقصد آزادي آهي، ۽ ويچاري ايشيائي عورت کي ڪهڙي خبر ته آزادي ڇا آهي.“

”پر آزادي جون به ڪي حدون هونديون آهن.“

”مان ڪنهن حد جي قائل نه آهيان.“

مان ماٺ ٿي ويس.

”سوزي توکي خبر آهي ته منهنجي ٽريننگ جو وقت ختم ٿيڻ

به وڏيک حسين.“

”بکواس بند کر. مونکي بيوقوف نه بڻاءِ. مونکي خبر آهي ته توتي سوزيءَ جو ڀوت سوار آهي. پر هڪڙي ڳالهه ٻڌائي ٿي ڇڏيانءِ ته سوزيءَ مان ڪجهه ڪونه ورندءِ. اجايو ڀاڄولي ڀئيان ڀيو ڊوڙڻ. اوهان مشرقي جنهن عورت کي پسند ڪندا آهيو تنهن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ ۽ رکڻ چاهيندا آهيو. پر سوزي قبضي ۾ اچڻ واري ڇوڪري نه آهي. هوءَ ته آزاد پکيئڙو آهي. ڪنهن به رشتي جو بندڻ کيس قيد ڪري نٿو سگهي. ماءُ پيءُ ستمائٽ ڇڏي انگلينڊ مان لڏي هتي اڪيلي اچي رهي آهي. هتي دل نه لڳس ته آمريڪا يا ڪئناڊا ڏانهن هلي ويندي. هوءَ گهريلو قسم جي ڇوڪري نه آهي.“

ايليس ڳالهائيندي رهي ۽ مان سوزيءَ ڏانهن ڏسندو رهيس. سوزيءَ تي شراب جو نشو چڙهي ويو هو ۽ هوءَ جم جي سيني تي مٿو رکي ٿڙندڙ قدمن سان نچي رهي هئي. جم هن جي ڪن ۾ ڪجهه چيو ۽ هوءَ مرڪي ويئي. پوءِ جم آگر سان سندس کاڏيءَ کي مٿي ڪيو ۽ پنهنجا چپ هن جي چپن تي... مون ست ڏيئي ايليس کان پاڻ ڇڏايو ۽ ٽپو ڏيئي جم جي ڳچيءَ کان جهليم. ٻئي هٿ سان سوزيءَ کي ڇڪي پري ڪيو ۽ در کولي جم کي ڌڪو ڏيئي در بند ڪري ڇڏيم. اهو سڀ ڪجهه اک ڇنڀ ۾ ٿي ويو. سڀ حيران، هراسيل ۽ هيسيل نگاهن سان مونڏانهن نهارڻ لڳا. اوچتو سوزيءَ جا تارا ڦاٽي ويا ۽ ڏندن جيان ٻرڻ لڳا. ڏکاءُ ڪري مونکي چماٽ وهائي ڪڍيائين.

”وحشي، جاهل، اڻ سڌريل. تون پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو. مان تنهنجو حرم آهيان. زرخريد ٻانهي آهيان. مشرقي غلام عورت آهيان. مشرقي وحشي مونکي توکان نفرت آهي.“

هن ست ڏيئي در کوليو ۽ زور سان رڙ ڪيائين.

”جم...جم بيهه مان اچانءِ ٿي.“

هن جو آواز دور ٿيندو ويو. مان اتيئي پٿر ٿي بيٺو رهيس ۽ ايتري به خبر ڪانه پيم ته ايليس ۽ جاني ڪهڙيءَ مهل هليا ويا.

ان رات مون هڪ منٽ لاءِ به اک نه ٻوٽي. ساري رات صوفي تي ليٽي سگريٽ پيئندو رهيس. مون ’مشرقي وحشيءَ‘ جو ڪجهه ڪيو هو تنهن لاءِ نه مون پاڻ کي نِنديو ٿي ۽ نه ئي ساراهيو ٿي. اهو سڀ ڪجهه مون غير شعوري طور ڪيو هو جنهن ۾ سوچ سمجهه ۽ ارادي کي ڪو دخل نه هو. ڪمري ۾ هر طرف ويراني ۽ تنهائي

وري سوزي ياد پيم. چا محبت ۾ جسم ڪانسواءِ ٻه ڪا حقيقت آهي. منهنجو جسم تڪميل جي سرشاري ۾ ڏڪي رهيو هو پر اندر ۾ اڻ تڻ هئي. جسم ڪانسواءِ ٻي ڪهڙي تڪميل جي آنند مانڊ ۽ لوچ هير. هينئر ان لوچ ۾ لڇندي توڏانهن هي خط لکي رهيو آهيان. وڌيڪ ڇا لکان، وڌيڪ ڪجھ لکيو نٿو ٿئي.

سدائين تنهنجو

احمد

فلائٽ نمبر ٢٠١/٠٣١ ڪيو

قنٽاس.

ادا، هي خط مان توکي هوائي جهاز مان لکي رهيو آهيان. اڄ مان هميشه لاءِ سوزيءَ جي سڊني کي ڇڏي هانگ ڪانگ وڃي رهيو آهيان. اسانجو جهاز هنيئر سڊني جي هوائي اڏي تان اڏاڻو آهي. مان آخري دفعو سڊني کي الوداع چوڻ لاءِ دريءَ جي شيشي مان هيٺ نهاريان ٿو ته ڪيئي چاڪ چڪي ٿا پون. يادن جا هشام دل جي ديار تي ڏوڪيندا ٿا اچن. مان اڪيلو ۽ يادن جو هيڏو هجوم! ادا، ويجهو اچ ته توسان اندر اوريان.

ان رات واري واقعي ڪانپوءِ مون ٻه ڏينهن موڪل ورتي. ٽئين ڏينهن آفيس مان فون تي اطلاع مليو ته مونکي هفتي لاءِ ڪين برا ريڊيو اسٽيشن ڏانهن موڪليو ويو آهي ۽ مونکي هنيئر جو هوائي اڏي تي پهچڻ گهرجي. مان ڏاڍو خوش ٿيس. ان عرصي ۾ مان سوزيءَ کي وساري سگهندس ۽ جم ٻه ان رات واري واقعي کي وساري ڇڏيندو.

ڪين برا ۾ نون ماڻهن سان مليس. نوان هنگامان، نيون پارٽيون، نوان چهرا، نيون مسرتون. اک ڇنڀ ۾ هفتو گذري ويو. جڏهين سڊني واپس وريس ۽ پنهنجي ڪمري ۾ پير پاتم ته وري سوزي ياد پيم. هن جو ڏکيو ۽ لچڪندڙ قد، جواڻ جماڻ ۽ سرشار جسم، آسمان جهڙيون نيريون ۽ وشال اکيون، چانڊاڻ جهڙيڻ چمڪندڙ چڳون. پر چڱو ٿيو جو سڀ ڪجھ ختم ٿي ويو.

رنگ برنگي گل سائن ڏانڊن تي جهڪيل هئا ۽ سازن جي مڌر سرن تي اسين نچي رهيا هئاسين. اڄ هي ڪمرو ڦهلجي ساري ڪائنات تي ڇانئجي ويو هو ۽ ان ڪائنات ۾ مون ۽ موزيءَ کان سواءِ ٻيو ڪنهن جو به وجود ڪونه هو. ساري رات اسان جا اڌ پورا روح ۽ اڌ پورا اڌايل جسم تڪميل حاصل ڪندا رهيا. گهڙي گهڙي خوشين جي رم جهم لاتي ۽ اسان خوشيون ماڻيندا رهياسين. تانجو ٿڪجي ساٿا ٿي پلنگ تي ڪري پياسين. هن منهنجي اکين ڪي چمندي چيو:

”احمد. تون خوش آهين نه؟“

”ڏاڍو خوش آهيان.“

”تون واقعي مونسان محبت ڪرين ٿو؟“

”تنهنجي ان سوال جو ڪهڙو جواب ڏيان.“

هوءَ ماٺ ڪري منهنجي اکين ۾ نهاريندي رهي ۽ پوءِ سندس ليٽڻ ۾ لڙڪ تري آيا ۽ هن منهن منهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو.

”هڪڙي ڳالهه چوانءِ.“

”چئه.“

”مڃيندين؟“

”جي سمنڊ ۾ ٽپڻ لاءِ چوندينءَ ته اها ڳالهه به مڃيندس.“

”جي توکي واقعي مونسان محبت آهي ته پوءِ منهنجي ڳالهه سمنڊ ۾ ٽپڻ کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي.“

”تون چئي ته ڏس.“

هن مٿو کڻي منهنجو اکين ۾ نهاريو ۽ وري منهنجي سيني ۾ منهن لڪائي ڇڏيائين.

”احمد. منهنجا مٺڙا احمد. تون منهنجي زندگيءَ مان هليو وڃ.“

مونکان ڇرڪ نڪري ويو ڄڻ بجليءَ جي اگهاڙي تار ڇهي وئي.

”ڇا...؟“

”منهنجي زندگيءَ مان هليو وڃ ۽ وعدو ڪر ته اڄ کانپوءِ وري مونسان نه ملندين.“

”ڇئين ڇا ٿي. هوش ۾ ته آهين.“

”ها، احمد مان هوش ۾ آهيان، ۽ توکي چوان ٿي ته اڄ کانپوءِ مونسان نه ملندو ڪر.“

”پر آخر ڇو...؟“

”انڪري جو مونکي توسان محبت ٿي وئي آهي.“

ڏيکاريندس. چاندوڪيءَ ۾ تنهنجو هٿ هٿ ۾ وٺي مهراڻ جي ڪپر تي ٽلندس. سوزيءَ، حيدرآباد جي چاندوڪي تنهنجي جسم جيان جوان ٿيندي آهي. مان توکي ڪيئن ڇڏي سگهندس."

هن اکيون مون ۾ ڪپائي ڇڏيون ۽ هڪ ٽڪ ائين ڏسڻ لڳي، جيئن مرندڙ انسان آخري دفعو پنهنجي پيارل کي ڏسندو آهي، ۽ پوءِ هوءِ مونسان چنبڙي پيئي ۽ چرين جيان پيار ڪرڻ لڳي. مون هن کي سيني سان لاتو ۽ پيار ڪندي ڪندي ڪيس ننڊ ڪٺي ويئي. هنيئر هر طرف سوجهرو ڦهلجي چڪو هو ۽ سوزي اگهور ننڊ ۾ هئي. مون هن جي پيشاني، اکڙين ۽ وارن کي چميو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس ۽ وهنجي سهنجي آفيس هليو ويس.

اهو ڏينهن ڏاڍو مصروف گذريو. مختلف ماڻهن سان ملاقاتون، پاڪستان ۽ آسٽريليا بابت گفتگو. شام جو موڪل ڪان ٿوري دير اڳ واندو ٿيس، سڌو لئبريري ۾ وڃي پهتس. پر سوزي اتي ڪانه هئي. پڇا ڪيم ته خبر پئي ته سوزيءَ هفتي جي موڪل ورتي آهي ڊوڙندو سوزيءَ جي فليٽ تي پهتس. پر هن جي فليٽ کي تالو لڳو پيو هو. مان در وٽ ويهي هن جو انتظار ڪرڻ لڳس. رات جا ڏهه ٿي ويا، ٻارهن ٿي ويا، ٻه لڳي ويا پر سوزي نه موٽي.

ٻئي ڏينهن وري سندس فليٽ تي پهتس پر ڪالهه جيان در بند هو. پورو هفتو مون هن جي در جو دربان بڻجي گذاريو. هر آواز تي سوزيءَ جي پيرن جي پڙلاءَ جو گمان ٿيندو هوم. پر سوزي ڪانه موٽي.

جنهن ڏينهن هن جي موڪل پوري ٿيڻي هئي، ان ڏينهن صبح جو سوير ڊوڙندو لئبريريءَ جي در تي وڃي بيٺس. هڪ هڪ ٿي سڀئي آيا پر سوزي نه آئي. اندر وڃي پڇا ڪيم ته زمين ٿي پيرن هيٺان لڪري وئي. ڇڻ وڃ ڪري ۽ منهنجو سارو وجود جلي سڙي رک ٿي ويو. سوزي استعفيٰ ڏياري موڪلي هئي. ڊوڙندو ايليس وٽ وڃي پهتس. پر ايليس کي ٻه هن جي خبر ڪانه هئي. پوءِ ته چرين جيان ڪيس اجنبي شهر جي اڻ سونهن رستن تي ڳولڻ لڳس. پر جنهن وات تي وک ٿي وڌايم سا سوالي نشان بڻجي اڳيان اڀري ٿي آئي. مان هن کي هن اجنبي ديس، هن اڻ ڄاتل ڪنڊ ۾ ڪٿي ڳوليان. ڪنهن ڪان هن جو ڏس پڇان. مان اجنبي ديس جي اڻ ڏٺل چوواٽن تي بيٺو هوس ۽ مونکي خبر ڪانه هئي ته ڪهڙي وات جي اجگر هن کي ڳڙڪائي ڇڏيو هو... سوزي... سوزي تون ڪٿي آهين!

مونکي به مٿي وچي ڪنڌ جهڪائڻ پسند نه هو. ٿڌي هوا لڳي رهي هئي. هو هڪ بينچ تي ويٺو ۽ مان هڪ وڻ جي هيٺان وڃي ويٺيس، جنهن ۾ جڳنو چمڪي رهيا هئا. مون به رات جيان پنهنجا زلف ڇوڙي ڇڏيا. ٿڌيءَ هوا ۾ ڏکيو ساهه. ڪٿي، ڪاٿي پاڻهن مٿي ڪري وڻ سان لڳايم. هوا جو هڪ ٿڌو جهونٽو آيو جو منهنجي جسم کي ڇهندو اڳيان وڌي ويو ۽ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو مونکي معلوم ٿيو ته هوا کي به پنهنجي ڪشش آهي، پنهنجو جسم آهي، پنهنجا عضوا آهن ، آها به زلفن سان کيڏي سگهندي آهي، ڇهي سگهندي آهي، چمي سگهندي آهي، تڙپائي سگهندي آهي.

مون پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

نيڪ اوڏيءَ مهل مدن اڳيان اچي بيٺو. پنهنجي ٺونٺ منهنجي ڪلهي تي رکي، پنهنجي ٻانهن وڻ سان لڳائي چيائين، ”ڇا پئي سوچين؟“

مون اکيون کولي پنهنجي ٻانهن هيٺ ڪري ڇڏي.

”اڄ پارڪ ۾ ڪوئي ڪونهي.“ هن چيو.

منهنجي ذهن ۾ نه معلوم اِن جا ڪيترا پڙاڏا آتيا: اڄ پارڪ ۾ ڪوئي ڪونهي، ڪوئي ڪونهي!

هن جي اکين ۾ جڳنو چمڪي رهيا هئا. مون هڪ تيز نظر سان هن ڏانهن نهاريو ۽ هو پريشان ٿي ويو.

”ڇا ٿيو؟“

”منهنجي زندگيءَ مونکي هڪ دوکو ڏنو آهي. مان زندگيءَ کان بدلو چڪائڻ ٿو چاهيان.“

”دوکو- بدلو- ڇاجو؟“

”تون مون سان شادي ڪندينءَ؟“ هن پنهنجا ٻئي هٿ منهنجي منهن تائين آندا.

”مان انڪار نه ڪنديس.“

پارڪ کان ٻاهر پهچندي مون ڇرڪ ڀريو. رات جي سناٽي ۾ هڪ شخص اليڪٽرڪ جي هڪ ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي، ڪنڌ هيٺ ڪريو، پاسيرو بيٺو هو. هٿ ۾ هڪ ڪتاب هئس. هن جي اک جي هڪ ڪنڊ، ڪنڊ ۾ جمع ٿيل پاڻيءَ ۾، روشنيءَ جو عڪس پئجي رهيو هو. پيرن جي آهٽ پائي هن پنهنجو ڪنڌ اچان به هيٺ ڪري ڇڏيو. مدن ڪنڌ مٿي ڪري ڳائيندو هليو. مان ور ور پويان نهاريندي هليس.

هو ڪرشن هو!

مهابليشور لاءِ گهران موڪلي ورتيم. ڪنهن بحث نه ڪيو، بابا خود به لؤمئريچ ڪئي هئي، ۽ بابا جي ’تازي پراڻي‘ راءِ موجب مان سمجهندي رهيس: ”مدن سان،“ چئي آمي سوچ ۾ پئجي ويئي هئي. ڪاش، هوءَ مونکي روڪي ها. شايد هن جي ذاتي رضا مندي ئي هن کي نه وڃڻ جي آگيا ڏيڻ کان روڪيو.

پوني ۾ سول مئريج ڪرڻ ڪانپوءِ، اسين مهابليشور وياسين. هن هڪ ننڍو بنگلو مسواڙ تي ورتو. بنگلي جي انچارج مالهيءَ کي هن بخشش ڏيئي به ڏينهن چتي ڪرڻ جي صلاح ڏني، جا مالهيءَ ڪنڌ جهڪائي قبول ڪئي.

شادي جي ٻيءَ رات مان پلنگ تي ليٽي پيئي هيس. هو گهمي ڦري موٽيو، ۽ اچي منهنجي مٿي کان ويٺو.

”پدما.“

مون هن ڏانهن نهاريو.

”توکي خبر آهي نه، زندگيءَ مونکي دوکو ڏنو آهي؟“

مون لاپرواهيءَ سان چيو: ”ڪنهن ڪري؟“

”تنهن ڪري مون زندگيءَ کان بدلو چڪائڻ تي چاهيو. جيتوڻيڪ مون کي هنن لاءِ ڪو چاهه ڪونهي، مگر اها حقيقت آهي ته مونکي هڪ زال ۽ هڪ ڌيءَ آهي. منهنجن ظالم مائٽن منهنجي ننڍي هوندي شادي ڪرائي هئي!“

ڇا ٿيو؟ ڪنهن ڪٿي ڇڏيو مونکي؟ هيءَ ڪهڙي بجلي هئي، جا منهنجي سر تي ڪري ۽ جنهن منهنجي اندر، منهنجي روح کي جلائي ڇڏيو؟

هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو: ”توسان پريم اٿم، ان ڪري ئي توکي سچ ٻڌايو اٿم. تنهنجو به مون سان پريم آهي، ۽ مان پنهنجي ماضيءَ کان الڳ آهيان. جيڪڏهن منهنجي ننڍي هوندي شادي ڪرائي ويئي ته ان ۾ منهنجو ڏوهه ڪونهي. مان پنهنجيءَ زال کي پيار نٿو ڪريان: پر مان هن جو مڙس آهيان، ان ڪري هن کي خرچ جا پئسا موڪلي ڏيندو آهيان، مونکي زندگيءَ کان بدلو وٺڻو هو، ۽ اهو مون تو جهڙيءَ خوبصورت عورت سان شادي ڪري ورتو آهي. تون مون سان هڪ رات رهي آهين، منهنجو بدلو پورو ٿيو. مگر جيئن ته مان توسان پريم ٿو ڪريان، ان ڪري مان توکي ڇڏيندس ڪونه. اهو

بابا چيو، ”تنهنجي وڃڻ بعد مونکي هڪ دفعو به سٺي ڪافي پيئڻ جو موقعو نه مليو آهي، ڏيءُ! اعتبار نه اچيئي ته ماءُ کان پڇ.“

نار جون ڪنگريون، هڪ ئي سر سان هڪ ئي چڪر ۾ ڦرنديون آهن... زندگي به ڇا ائين آهي؟ نه! آهي ڪنگريون ته وسيلو آهن کوه جي آن پاڻيءَ لاءِ، جو سڪل ڪيت آباد ڪندو آهي. هو خود چڪر ۾ ڦرنديون آهن، مگر جنهن لاءِ ڦرنديون آهن آهو سدا نرمل ۽ پوتر رهي ٿو ۽ جو اِنهن ڪنگرين جي وسيلي ڌرتيءَ ۾ نرماڻ ۽ پنر نرماڻ جي شڪتي پيدا ڪري ٿو. منهنجي زلدگي به شايد وري راڙي جي چڪر ۾ ڦرندي رهي. مگر زندگيءَ ۾ جو هيڏو امرت موجود آهي، ڇا پاڻ ڪي آن جي پرواهه جو ساڏن نتو بڻائي سگهجي؟ سگهجي ٿو... سگهجي ٿو!

بابا کي ڪافي پيئاريندي مون پاڻ ئي آن جو جواب پائي ورتو هو.

هڪ ڏينهن هوءَ آئي. مهني بعد، مون ته ڪيس سڃاتو به ڪونه. هن جي ساڙهي ايتري ئي سهڻي هئي جيتري هوءَ پاڻ هئي، ۽ آن جي پڌڻ جو انداز به اهڙو هو جهڙو هن جو ڪرسيءَ تي شان سان وهڻ. هوءَ منهنجو نالو پڪارڻ بنائي اندر آئي هئي ۽ بنا نمسڪار ڪرڻ جي چيو هئائين، ”مان هن ڪرسيءَ تي ويهي سگهان ٿي؟“

”وهو.“

”مونکي سڃاڻين ٿي؟“

”نه!“

”ڇا مان توکان گهٽ آهيان؟“ هن ترڇي لظر سان مون ڏانهن نهاريو.

”نه، نه!“ مون عجب مان چيو.

”ڇا مان پڇائي سگهڻ جهڙي نه آهيان؟“

مان اچرج ۾ پئجي ويس.

”پوءِ به هو توکي ڇو پڇائي ويو؟“

مان چپ.

”تون به هن جي زال آهين، مان به هن جي زال آهيان. فرق فقط ايترو آهي ته تون بي آهين ۽ مان پهرين آهيان، جيڪڏهن تون

پهرين هجين ها ته هو توکي نه، مون کي ئي پڇائي وٺي وڃي ها!"

ڪرسيءَ هوندي به مان پٽ تي ويهي رهيس. ٽونٽ گوڏن تي ۽ هٿ منهن تي رکي.

"آئي آهيان هڪ نياپوکٽي! چئجانس: ٽئين شادي مبارڪ اٿيئي. شل اِها ڪامياب رهي. ليڪن ڪيس اهو به چئجانس ته هاڻ مون کي پئسا موڪلڻ بند ڪري. ٻه هٿ مٿي ڪري، هن جي احسان جو بار ڪٽڻ، تنهن کان بهتر آهي ته چار ڪلاڪ مشين تي ٻه پير هلائي، پنهنجي قسمت پاڻ ناهيان. قاعدو قانون مان نه ڄاڻان. ڪورٽ ۾ وڃي تماشو ڪريان، تنهن کان بهتر آهي ته ڏيءُ کي هٿ کان وٺي جهنگ منهن ڏيئي هلي وڃان..."

هوءَ وڃڻ لاءِ اٿي مس جو مون هن جو هٿ پڪڙي چيو، "توهان ته پنهنجي ڇوٽڪاري جي راهه ڳولهي ڪيئي، مون لاءِ ڇا توهان کي نوڙي ٽڪر به نه مليو؟"

اوچتو هن جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. مونکي اٿاري پاڪر پائيندي چيائين، "اهڙا سندر براڻ ڇا تون ائين ناس ڪري ڇڏيندينءَ. هڪ شخص لاءِ ٻه زندگيون وڃن، تنهن کان بهتر آهي ته هڪ وڃي... هڪ وڃي!"

۽ هوءَ هلي وئي.

رات جو مدن اڪيلو نه، ڪرشن سان گڏ آيو. ڪيس ڪرسيءَ تي وهاريندي چيائين، "هيءَ آهي تنهنجي ٽئين پايي."

ڪرشن نمسڪار ڪيو. منهنجي لاءِ زندگيءَ ۾ اهو پهريون دفعو هو جو مان ڪنهن کي آرپار ڏسي سگهي هيس. هنجي اکين ۾ نهارڻ سان منهنجي اکين آڏو اهو منظر ڦري ويو، جنهن ۾ هڪ پارڪ، اليڪٽرڪ جو هڪ ٿنڀو هو ۽ جنهن سان لڳي ڪنڌ جهڪائي بيٺل ڪرشن هو... جنهنجي اکين ۾ روشنيءَ جو عڪس پئجي رهيو هو.

"هيءَ آهائي اٿيئي،" مدن چيو، "جنهن وٽ تو ڪشمير جي پوڏن لاءِ چندو وٺڻ لاءِ موڪليو هو، چندو ته ملي ويو، مگر ڪشمير لاءِ نه، مون لاءِ!"

پنهنجي چرچي ته هو پاڻ ئي کليو. اکين سان مون ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "اهڙو چندو ڪڏهين مليو آهي توکي؟"

ڪرشن طنز ڀري مشڪ ۽ ڏک ڀري نظر سان منهنجي پيرن ۾ نهارڻ لڳو. تڏهن نہ معلوم ڇو منهنجي من ۾ 'لڇمڻ زنده باد' جو نعرو هڻڻ جي خواهش ٿي. لہ... سان ڪيس موڙ نہ ڇوڻديس. ائين ڇئي شايد مان ڪيس مدن جي جڳهہ جو حقدار ٺهرائي ويهان. هن حالت ۾ اهو سوچڻ بہ پاپ آهي تہ ڪاش، هو منهنجو پٽ هجي ها. البت ايترو چئي سگهان ٿي: ڪاش، مدن بہ ڪرشن جهڙو هجي ها! هو مزورن جي بستين ۾ ڀٽڪندو آهي. انگن اکرن وارا ٿلها ڪتاب پڙهندو آهي. اخبارن ۾ فلمن جا اشتهار نہ، خبرون پڙهندو آهي. ٻين جي ڏک ۾ روئيندو آهي ۽ شايد ڪڏهن پارڪ ۾ وڃي... هو ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ ٿو چاهي، جيتوڻيڪ ڪنهن هوٽيل ۾ وڃي ڪيس ٻہ ڪوپ چانهہ پيئڻ جو شوق ڪونهي...

ڪرشن منهنجن پيرن مان نظر هٽائي مون ڏانهن نهارڻ لڳو.

مدن چيو، "ڏس ڪرشن — تون آهين سوشلسٽ، ماڻهن کان چندا وٺڻ ۾ ماهر. ڏڪار ۽ ٻوڏون تنهنجا فيوريٽ سبجيڪٽس آهن. ۽ ڏڪار ۽ ٻوڏون اسان جي ديس جا عام مسئلا آهن. ڏسج ڀائي، نموني نموني جا بهانا بنائي، هن سکئي گهر کي ڪنگال بنائڻ جي ڪوشش نہ ڪج!"

مدن جو وهنوار مونکي بيحد وڻيو.

ڪرشن چيو، "جيڪڏهن اهڙي حالت ٿي تہ پوءِ مان ديس لاءِ نہ، تنهنجي لاءِ چندو وٺڻ نڪرندس!"

مدن زور زور سان کلڻ لڳو. تنهن بعد چيائين، "پدما، هي شخص هڪ هنڌ ويهي اٽڻ جو نالو ئي نہ وٺندا آهن. اهڙن ماڻهن کي جيڪڏهن چانهہ جو هڪ ڪوپ پياري ننڊ جي فائدي ۾ ڳالهائجي تہ هو اشاري ۾ سمجهي ويندا تہ ڪين رات ٻئي هنڌ ڪاٽڻي آهي."

ڪرشن کلڻ لڳو. مان اٿي رڌڻي ڏانهن هلي ويس.

ڪرشن جي وڃڻ بعد مدن هٿ منهن ڌوئي، نئين عادت موجب شيلف تان هڪ ڪتاب کنيو ۽ پوءِ آرام ڪرسيءَ تي ويهندي چيائين، "پدما، مونکي هن شخص لاءِ وڏو احترام آهي. وشواس ڪج هو جيڪڏهن چندي ۾ توکي بہ گهري تہ شايد بنا ڪنهن سوچ جي..."

ڪنهن ٻهاڙ جي چوٽيءَ تي ٿڌي هوا جي ڇهاءَ سان من ۾ ٿڌڪار جي جيڪا عجيب ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي، ٺيڪ اهڙي ئي ڪيفيت پيدا ٿي منهنجي من ۾... مدن جي اها ڳالهہ ٻڌي.

مون چيو، "مدن جيستائين زبان جو واسطو آهي، مون ٻڌو آهي

هنجي اچڻ تي اعتراض ڪوڙهي. اعتراض ان تي آهي جو مونکي اِها خبر ته مان نه، هڪ معمولي دوست مان پيئي آهي."

"مگر توکي ته هن لاءِ عزت آهي. هي گمان ڇاجو؟"

"گمان!" اٿين چٽي هن هڪ بناوتي ٽهڪ ڏنو.

"آيو هو دعوت ڏيڻ — هڪ ڪلچرل پروگرام جي، هلندين؟"

"ڇا ڪبو اِنهن پروگرامن ڪي. تون ته ڇاٿين ٿي ته مونکي زندگيءَ ۾ روئڻ پٽڻ وڻي ڪونه. بي ڳالهه مان ڇاهيان تو ته تون هن گهر کان ڪيڏانهن به ٻاهر نه نڪرين! تون ايتري ته خوبصورت آهين جو زماني کي ڏسي توکي غلام بنائڻ تي خواهش ٿئي ٿي" مسڪرائيندي وري چيائين، "چوندا آهن، مشهور سائنٽسٽ رابرٽ آئنسٽين به پنهنجي زال کي گهر مان نه ڪيڏندو هو."

"ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو نالو وٺي ڇا پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ٿو ڇاهين؟"

"ڇا—آ؟" عجب ۽ غصي کان هنجو آواز ڦهلجي، ڇيرجي ويو. مون آيمان جي جوش وچان چيو، "تنهنجو مون ۾ وشواس ڪونهي."

اٿين ڇئي مان پلنگ جي پرسان وڃي ويٺيس. هن اڳيان اچي چيو، "ڏس پدما! مونکي انهن وڏن لفظن جي معنيٰ جي خبر نه آهي. ڪرشن ڇئي ويو آهي، اِن ڪري شايد پروگرام تي هلڻو ٿي پوي."

"ها، منهنجو به اهوئي خيال آهي؟"

"تنهنجو به اهوئي خيال آهي؟"

"جي."

"مگر تنهنجو خيال اهوئي ڇو آهي؟"

"غلط يا صحيح مان لئي ڇاڻان."

"مان نتيجو نه ڪارڻ ٿو پڇان."

"ڪارڻ اهو آهي جو ڪرشن چيو آهي: ۽ ڪرشن سان مان ڪلچرل پروگرام ته ڇا، جهنم ۾ به وڃڻ لاءِ تيار آهيان."

"آڇا!"

"۽ اِهو به سمجهي ڇڏ ته مونکي غلام بنائڻ تو لاءِ ناممڪن آهي."

"۽ تنهنجي ٻتي پڳتي؟"

"آنجو جواب توکي تنهنجي ٻهرين زال به ڏيئي سگهي ٿي."

"ڇا هو توکي ڀڙڪائي ويو آهي؟" هو اڃا به قريب آيو.

"نه... جيتوڻيڪ آن لاءِ هنجي هڪ ئي مسڪراهٽ ڪافي آهي."

هن اڌ گردن موڙي، پالهن کي متي ڪٽي مونکي چماٽ هٽي
ڪيڏي.

مان پٽ تي منهن ڀر وڃي ڪريس.

”بدتميز عورت! هڪ غير شخص لاءِ توکي ايڏو چاهه آهي؟“

مان گلي تي هٿ رکي اٿي کڙي ٿيس. چيم، ”تون مارا!...ڀل
مونکي مار. مگر اِهو ٻڌي ڇڏ تہ آءٌ عورت مان ئي آهيان، جنهن لاءِ
ڪرشن راتيون راتيون پارڪ ۾ جاڳندو آهي.“

هنجو پيو دفعو ڪچيل هٿ متي ئي رهجي ويو.

مان ڪٿ ڏانهن وڌي پنهنجو ٻنگ ٺاهڻ لڳيس.

نہ، مونکي هن زندگيءَ سان ڪو چاهہ ڪونهي— ڪو چاهہ
ڪونهي. مان اڪيلي ئي هلي وينديس. مونکي هن گهر کان، پاڻ کان
دنيا کان نفرت آهي... سخت نفرت!

اوچتو هڪ زوردار ٺڪاءُ جو آواز ٿيو.

مون پويان نهاريو. مدن هو. هن پنهنجو متو زور سان ديوار
سان ٽڪرايو هو.

مون هنکي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي مگر هو اڃان بہ نہ
بدليو هو.

هڪ مردا!...

مون طنز ڀري نظر سان هن ڏانهن لهاريو ۽ پوءِ ٻنگ ڪٽي
وڃڻ لڳس.

هو اڳيان وڌي آيو. هيٺ جهڪي پنهنجو ڳوڙهن وارو متو
منهنجن پيرن تي رکي چيائين، ”مونکي معاف ڪرا!“

مگر مان روڪجڻ جي نہ هيس!

”مان لتجي وينديس!“ هن رڙ ڪئي.

”تون وري بہ زندگي کان بدلو وٺج!“ مون پيرن کي ڇڏائڻ
جي ڪوشش ڪئي.

”توکان سواءِ زندگي ڪهڙي؟“

”مون سان گڏ بہ تنهنجي زندگي ڪهڙي!“ چئي مون پنهنجا پير
ڇڏايا ۽ پاسو بدلائي، دروازي کان ٻاهر نڪري ويس.

هن رڙ ڪئي، ”پدما!“

گهر ڪان ڪجهه قدم پريان ڪرشن گڏيو.
مان ڪنڌ هيٺ ڪري هنجي پاسي ڪان لنگهي ويس.
پٺيان آواز آيو، ڪيڏانهن؟"
"جهنم!"
"مونکي به اتي جڳهه ملندي؟"
"تون مرد آهين!" مون ٽٽولي ڪئي.
"جهنم ۾ وڃڻ لاءِ ڇا اهو گناهه گهٽ آهي؟" هن ڏک وچان چيو.
منهنجا قدم رڪجي ويا. ٻئگ وارو هٿ ڊلو پئجي ويو،
چيم، "ڪرشن!"
هن ٻئگ ۾ هٿ وجهندي چيو، "پدما!"
هڪ پڙاڏو اٿيو: ڪرشن!
ٻيو پڙاڏو آٿيو: پدما!

ادبي دنيا ۾ ڪي اهڙا شخص به ٿيندا آهن، جن جي عمر ته باقاعدي وڌندي ويندي آهي، پر سندن علم ۽ شعور اسرندا نه آهن. اهڙن ماڻهن کان قلم کسي جيڪر کين هٿ ۾ لالي-پاپ جو ڪانو ڏجي ته ڪي آن کي چوسڻ شروع ڪندا ۽ ڪي آن کان آئيني جو ڪم وٺندا.
— سڳن آهوجا

نذير قاضي

# ٻـڪي

مولکي يقين هو تو ايندين.
تون ضرور ايندين.
ڪجهه شڪوا، ڪجهه شڪايتون کڻي. ۽ تون آئين.
توکي اچڻ نہ گهربو هو. اچڻ کان اڳ توکي سوچڻ کپندو هو تہ تون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين.
مون ڏانهن—؟
پر مان تنهنجي ڇا لڳان؟ تنهنجو مونسان ڪهڙو واسطو؟
مان هاڻي پنهنجي صفوءَ جي آهيان. منهنجي پياري صفوءَ جي.
اڃان هفتو اڳ هو مونکي پنهنجو جيون ساٿي بنائي ونئي ويو هوهتان.
صرف هفتو اڳ.
مون هن بابت ڇا ڇا نہ سوچيو.
هو ديوتا هوندو! حسين و جميل شهزادو!
هو واقعي ديوتا نڪتو. خوبصورت، معصوم ۽ ڀالو ڀولو شهزادو!
ڇو؟ مان ڪيس ڪيئن ٿي دوکو ڏئي سگهان.
هو منهنجو آهي. منهنجو پنهنجو صفو.
ڪيس ڪيڏو نہ خيال آهي منهنجو.
هر گهڙيءَ، هر لمحي، هر پل مونکي خوش رکڻ ۾ گذاري ٿو.
ڪلفٽن جو سير.
آٽ جي سواري.
سمنڊ جي آليءَ واريءَ تي ڊوڙون ۽ سج آلهڻ وارو دلڪش منظر تہ دل تان لهي ئي نٿو.
پئليس هوٽل جي آها رنگين شام وسارڻ بہ تہ مشڪل آهي.
هو منهنجي سامهون ويٺو هو.
آرڪيسٽرا تي هلڪن سرن ۾ مصري ڌن وڃي رهي هئي ۽ مان صفوءَ جي گهرين اکين جي پاتال ۾ پيهي ويس.
صفو منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪو آهي.
منهنجو مالڪ، منهنجو آقا ۽ سرتاج.
تون مونکان ڇا وٺڻ آيو آهين؟

پيار ـــ؟
ڪهڙو پيار؟ ڪنهنجو پيار ـــ؟
ها.
مونکي ياد آيو.
توکي ڪجهہ خط لکيا هئم، محبت ڀريا خط.
چند ملاقاتون ۽ پيار جون رهاڻيون.
بس، اهوئي آهي تنهنجو سرمايو نہ؟
پر آهي سڀ وقتي ڳالهيون هيون.
در حقيقت ان وقت مان پيار جي بکي هيس. مونکي هڪ چاهڻ واري جي ضرورت هئي، جو منهنجي جذبات جو قدر ڪري ۽ منهنجي آرزوئن ۽ ارمانن کي تباهہ ٿيڻ کان بچائي ـــ مان تنهنجي ٿورائتي آهيان جو تو پيار جي موٽ پيار سان ڪئي.
مان ڪيئن چوان ـــ؟
ليڪن تنهنجو پيار هو. بي رس ۽ بي چس.
تڏهن بہ سچ پچ غنيمت هو ان وقت.
تون پنهنجي پيار کي ان منزل تائين پهچائي ٿي سگهئين، ليڪن تون انجو قائل نہ هئين.
ـــ ۽ اڄ جڏهن صفوءَ مونکي اهو سڀ ڪجهہ ڏنو جو تون ڏئي نہ سگهئين، تڏهن مون وٽ آيو آهين ـــ
ڇا لاءِ؟
شڪوا ۽ شڪايتون؟
ڪنهن سان ؟
مولسان ـــ ؟
پر مان تنهنجي ڇا لڳان ؟ تنهنجو مولسان ڪهڙو واسطو؟

زيب پيتي

# رت رت جو فرق

اڄ هميشه جيان جڏهن ٿڪو ٿڪو اسپتال کان موٽيس ته جمعي بورچيءَ هڪ ڪارڊ ڏنو. اهو شاديءَ ۾ شرڪت جو دعوت نامو هو. چوڌري افضل جي ڀڻ نياڻين شيرين ۽ شمي جي شادي هئي.

مان اسپتال جو وڏو ڊاڪٽر آهيان. هونءَ ته منهنجي هيٺان ٻه مددگار ڊاڪٽر پڻ ڪم ڪندا آهن، پر سڄي اسپتال جي انتظامي جوابداري مونتي آهي. اهم آپريشن ڪرڻ، اندور مريضن جي سار سنڀال، آيل لڪپڙهه جو نيڪال ڪرڻ ۽ خطري وارن مريضن ڪي جانچڻ منهنجي ئي ذمي آهي. جڏهن ڪان هتي بدلي ٿي آيو آهيان شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن هوندو، جنهن ڏينهن ذهني توڙي جسماني طور پاڻ ڪي ٿڪل محسوس نه ڪيو هجيم.

رات جو اٺين لڳي ڌڪاح بعد سڀ ڪاڻ واري هند اچي گڏ ٿيا. چوڌري افضل سيني جي آجيان ۽ خدمت ۾ لڳو پيو هو، جو سندس ڇوڪرو ڊوڙندو آيو. بدحواسي ۽ پريشاني جي گڏيل جذبات ۾ ٻيءُ ڪي چيائين، ”بابا، بابا، ننڍي باجي رت پئي آوڳاڇي. بابا، ڪيس الائي ڇا ٿي ويو آهي!“ افضل جي هٿن مان چاشني جي پليٽ ڇڏائي وئي، جا هو مون ڏانهن وڌائي رهيو هو. هن التجا ڀريل نگاهن سان مون ڏانهن نهاريو. آن ڪان اڳ جو هو ڪجهه ڪڇي مان ساڻس گڏ هليس.

ڪنوار جيان سينگاريل ڪمري ۾، جنهن جي هر هڪ شيءِ مان خوشي ٻهڪي رهي هئي، هينئر موت جهڙي خاموشيءَ جو راڄ هو. سڄو ڪمرو هر عمر جي عورتن سان ڀريل هو. هر هڪ منهن تي مردگي ڇانيل هئي. شديد افسوس جا اهي تاثرات نمايان هئا، جي صرف خوشيءَ ڪان ٻهڪندڙ چهرن تي اچانڪ آداسيءَ ڪان بدلجي ويندا آهن. رنگين ريشمي ڪپڙن ۾ ويڙهيل، هڪ پشم جي ڳنڍڙي. مون سندس نبض تي هٿ رکيو جا نهايت آهستگيءَ سان هلي رهي هئي. چهرو بلڪل پيلو صوف جيان زرد، اکيون پوريل، سندس مينديءَ رتا هٿ، ڳاڙها ڦهريل ڪپڙا ۽ گينديءَ ۾ پيل ڪافي رت هڪ نظر ۾ ڏسي مان سڪتي ۾ اچي ويس. هوءَ ستي پيئي هئي، خاموش ۽ چپ چاپ.

مون بيقراريءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. سندس پوڙهي ڏاڏيءَ جي هٿ ۾ هلڪي نيري رنگ جي شيشي ڏسي ڪائنس ورتم— منهنجي هڪ نظر شيشي ۽ ٻي موت سان ڪيڏندڙ ڪنوار ڏانهن کڄي وئي. منهنجي سمجهه ۾ ڳالهه اچي وئي.

پيهر نبض ڏسي چوڌري صاحب کي چيم، ”ڇوڪريءَ کي يڪدم اسپتال ڪٺائي هلو. ڪيس رت جي سخت ضرورت آهي.“ مان تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪتس. دروازي ٻاهران فل سوٽ پهريل هڪ ٺاهوڪو جوان بيٺو هو. اٽيا وار ۽ پريشان اکيون. مونکي ٻاهر نڪرندو ڏسي چيائين، ”ڊاڪٽر صاحب—؟“ هو وڌيڪ پڇي ڪين سگهيو. مون ڪيس سندن عزيز ڄاڻندي جواب ڏنو، ”رت جي گهٽتائي آهي ڪيس رت گهرجي.“

منهنجي مريضه شمي ٻي سڌ ۽ ٻي جان جيان آپريشن ٿيئٽر ۾ پئي هئي، ۽ مان مختلف رت سندس رت سان پيٽي رهيو هوس. سندس پيءُ جو رت — آف! ڪيڏو فرق آهي پيءُ ۽ ڌيءُ جي رت ۾! سندس پيءُ جي رت ۾ پاڻيٽ جوگهٽو حصو ڏسي مان حيران ٿي ويس. سندس سوٽ، چاچي ۽ مامي جو رت چڪاسڻ بعد مون چوڌري افضل کي چيو، ”ڪجهه بيا ماڻهو وٺي اچو: جلدي، بلڪل جلدي، هنن مان ڪنهن جو به رت ٺيڪ نه آهي.“

مان پريشان، سگريٽ مان تڪڙا تڪڙا دونها ڪڍي رهيو هوس ته اهو ساڳيو فل سوٽ وارو نوجوان منهنجي پرسان اچي بيٺو. چيائين، ”ڊاڪٽر صاحب—؟“

مان سندس مطلب سمجهي ويس.

”ليڪن، ليڪن! تو ۾ به ته پورو سارو رت آهي؟“

”ڊاڪٽر صاحب، منهنجو خيال ڇڏيو. مهرباني ڪري منهنجو رت چڪاسيو.“ مون سندس رت تپاسيو، منهنجي حيرت جي حد نه رهي جڏهن ڏٺم ته رت بلڪل پيتجي آيو.

مون جلدي شميءَ جي رت جي ڪوٺ شوڪت جي رت سان پوري ڪئي. ها، هن شوڪت ئي ناٽو ٻڌايو هو پنهنجو.

شمي جي حالت ڪان مطمئن ٿي آپريشن ٿيئٽر مان ٻاهر اچي رهيو هوس ته ننيدو ڊاڪٽر تڪڙو تڪڙو پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺم. چيائين، ”سائين، مسٽر شوڪت بيهوش ٿي ويو آهي، مان جلدي شوڪت وٽ پهتس. نبض تي هٿ رکيم، خطري جو امڪان ڄاڻي انجيڪشن هنيم. ليڪن، نبض سست ڪان سست ٿيندي وئي. ۽ چند لمحن بعد شوڪت

دليا جا سپ لاڳاپا لاهي آزاد ٿي چڪو هو. هڪ اڻڄاتل همدرديءَ سببان منهنجي اکين مان ٻه ڳوڙها ڳڙي پيا.

پوسٽ مارٽم بعد پتو پيو ته سندس موت رت جي ڪميءَ سبب نه، بلڪ دل تي صدمي سبب واقع ٿيو هو.

مان جڏهن واقعي جون سڀ ڪڙيون ملائيندو آهيان ته ڪا به ڳالهه مونکان ڳجهي رهي نه سگهندي آهي ۽ چائندو آهيان ته—

شوڪت رت ڇو ڏنو؟—۽

شمي موت ڇو ٿي چاهيو! — شمي موت ڇو ٿي چاهيو—!—؟

هڪ پل جي لڙائي جيتڻ لاءِ، اسين آهي 'سچ' ڳالهائيندا آهيون، جن ۾ خود اسانجو وشواس نه هوندو آهي. هڪ پل جي لڙائي جيتڻ لاءِ، اسين هڪ ٻئي جون آهي خاميون ڪيڏي نروار ڪندا آهيون، جي يا ته اڳلي ۾ هولديون ئي نه آهن، يا هونديون آهن ته انهن کي نظر انداز ڪرڻ ۾ ئي پنهنجي ۽ اڳلي جي بهتري پئي سمجهي هونديسين.

— سڳن آهوجا

لڳيس پر ٻيءَ اک مان لڙڪ ڪري پيس تڏو ساهه پري چيائين :
”اي روح! مان ڏاڍي ڏکي آهيان. توکان پهرين به مونوٽ ڪروڙين روح آيا. هنن ليلائي مونکان منهنجي پيار جي ڀيک گهري. مون پنهنجي سڀاجهڙيءَ فطرت سان هميشه هنن کي پنهنجي سيني سان لاتو. پر مونکي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هو سڀ مونکي پلجي ويا، هنن مونکي ڇڏي پنهنجي لاءِ نوان ديوتا تعمير ڪيا، هنن مان ڪنهن به منهنجي ڏک کي نه پروڙيو، هي ڳوڙها منهنجي اک ۾ ڏسين ٿو، ازل کان آهن، ڪنهن منهنجي ڳوڙهن کي نه ڏٺو. ڪنهن به منهنجي پير ۾ وچڙيل نانگ ڏسي مون تي رحم نه کاڌو. هنن پنهنجن ديوتائن کي خوش ڪرڻ لاءِ منهنجي ٻانهن ۾ زنجير ٻڌي آنهيءَ جا ڪلا ڌرتيءَ جي پاتال ۾ کوڙي ڇڏيا. هنن پنهنجن ديوتائن کي خوش ڪرڻ لاءِ ٿوري ڪان هٽي منهنجي ڪک کي رتو چاڻ ڪري ڇڏيو. هاڻي مونوٽ ڪجهه به نه آهي، تون مونکان ڇا ٿو گهرين. وڃ آءِ روح، وڃي خلائن جي رنگينين ۾ پانبڙا پاءِ، وڃ.“ ائين چئي هوءَ سڏڪن ۾ ٻڌي وئي. هنکي ائين روئيندي ڏسي منهنجي دل پرجي آئي. مون رڙ ڪري چيو:
”نه نه اي عظيم ديوي! مونکي خلائن جي رنگيني نه کپي.. مان توکي ڏکي نٿو ڏسي سگهان. مان توسان وعدو ٿو ڪريان مان توکي پنهنجي ساهه سان سانڊيندس، مان ماڻهن کي وري هڪ وار تنهنجي اڳيان جهڪائيندس، آءِ ديوي جيستائين تنهنجي ٻانهن ۾ اها زنجير ۽ ڪک ۾ اهو زخم آهي، مان سک سان نه رهندس. اي عظيم ديوي مون تي ديا ڪر.“ مان رانياپ ڪري هنجي اڳيان زارو زار روئڻ لڳس.
ديوي ڪجهه دير ته منجهي پئي ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي مون ڏانهن نهاريائين. ائين جيئن ڪا وڏوا پنهنجي ابهم ڏانهن نهاري، ۽ پوءِ هن جهڪي مونکي پنهنجي سيني سان لاتو.

۽ اڄ مان انساني روپ ۾ دنيا جي عجائب گهر ۾ حيران پريشان بيٺو آهيان.
جڏهن مون اک پٽي هئي ته منهنجي ڪنن ۾ بمن جا ٺڪاءُ گونجي رهيا هئا. آسمان مان باهه جا آلا وسي رهيا هئا، ۽ ڌرتيءَ جو سينو ڏکي رهيو هو، ۽ منهنجي چئني پاسي انساني لاش پکڙيا پيا هئا، جن جو ماس ڳجهون ۽ جهنگلي جانور روڙي رهيا هئا. موت جي ڏائڻ

ڏند ٽڪيڙيو پئي ٿهڪ ڏنا، زندگيءَ جي ڪنوار سڪرات ۾ هئي.
ءُ مان اجنبي چپ چاپ هلندو رهيس.

هاڻ مان پنهنجي اڪيلائي جي جوت وجائي چڪو آهيان. منهنجي هٿن پيرن ۾ ارزش پيدا ٿي چڪي آهي، ۽ هاڻ مان سمجهان ٿو ته منهنجي سفر جو آخري وقت اچي چڪو آهي. جيتوڻيڪ اِها ستر سالن جي زندگي مون گمناميءَ ۾ گذاري، سڀني کان جدا، پنهنجو پاڻ کان ويگاڻو، پر مونکي انهيءَ جو ذرو به افسوس نه آهي. ڇو ته مون دنيا ۾ اچي پنهنجي جذبن ۽ احساسن کي گڏ ڪيو آهي. مون انهن کي وجود ڏنو آهي. منهنجي ستر سالن جي زندگي جو تاثر هي مجسمو آهي. جنهن کي مون دنيا جي چؤواٽي تي بيهاري ڇڏيو آهي. مون سوچيو هو ماڻهو هنکي تعجب سان ڏسندا. پنهنجي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جي باري ۾ سوچيندا. ۽ مان ماڻهن جو انتظار ڪرڻ لڳس.

هڪ صبوح جو سوير مون پنهنجي جهڳيءَ جي ڳڙڪيءَ مان ڏٺو: ماڻهن جو هڪ ٽولو منهنجي مجسمي جي اڳيان بيٺو سجدا ڪري رهيو آهي. پوءِ هو سڀ گڏجي مون وٽ آيا ۽ چيائون، "آي پوڙها! هي بت تو ٺاهيو آهي؟"

مون خوشيءَ کان ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي.

"اسين انهيءَ کي خريد ڪرڻ ٿا چاهيون. ٻڌائي ڪهڙي رقم وٺندين."

"مان اوهانجو مطلب ڪونه سمجهيس." مون حيران ٿيندي چيو.

"اسين هنکي پنهنجي مندر ۾ سجائي رکنداسين، ۽ انهيءَ جي پوڄا ڪنداسين."

منهنجي تن بدن ۾ باهه ٻري پئي. مون ڪاوڙ ۾ ڏڪندي چيو،

"مون انهيءَ کي پوڄا لاءِ نه ٺاهيو آهي. مون هنکي توهانجو ماضي ۽ حال سجائڻ لاءِ ٺاهيو آهي. توهان سڀ هتان هليا وڃو."

هو سڀ واٺڙا ٿي ويا. ۽ منهنجي حال تي افسوس ظاهر ڪندي چيائون: "ويچارو چريو آهي."

ءُ مان پنهنجي جهڳيءَ ۾ اچي روئڻ لڳس.

انهيءَ ڪالهوءِ هڪ صبوح جو فوجين جو هڪ ٽولو مونکي پنهنجي مجسمي جي چوڌاريءَ ڦرندو نظر آيو. انهن مان هر هڪ پنهنجا پنهنجا دليل ڏنا ۽ چيائون: "هي پوڙهو ته ديوانو آهي. هن ڪيتري نه سهڻي مورت کي بگاڙي ڇڏيو آهي." ۽ انهن جي وڃڻ کانپوءِ مون ڏٺو منهنجي مجسمي جي چيلهه ۾ ٻڌل تلوار غائب هئي.

مينهن هٽي فصل جي لاڪ لاهي ڇڏي هئي — هن سال هو قرض لاهي ڇڏيندو. هن چؤ طرف نظر ڊوڙائي: هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ نظر اچي رهي هئي. وڻن جي وچ ۾ ڪي ڪي نمبر غيرآباد پيا هئا، جتي ڪٽڪ پوکي وئي هئي اتي هينئر ويراني هئي. اڻ پوکيل نمبر ڪي ايڪڙ پيڪڙ هئا. بس ائين لڳي رهيو هو ته زمين تي ڍڪيل سائي چادر ۾ ڪٿي ڪٿي اڇيون چٽيون لڳيون پيون هيون. وري ايندڙ مند زمين چادر بدلائيندي، ۽ جتي اڇيون چٽيون آهن، اتي ساوڪ ٿي پوندي ۽ جتي هينئر ساوڪ آهي آتي اڇيون چٽيون هونديون. بس ائين هر مند زمين پئي پنهنجو ويس مٽائيندي. هن پنهنجي قرض جو حساب ڪيو: هي ٽيون سال هو جو هن تقاوي ورتي هئي، پوين تقاوين لاهڻ ڪانسواءِ — پهرئين سال ڀه سؤ روپيا؛ گذريل سال سؤ روپيا؛ هن سال سوا سؤ روپيا، ڪل ٽيا چار سؤ روپيا، ۽ تنهن ڪانسواءِ هن سال جو سندس ڍڳي چورائجي وئي هئي، ان جو ڀڱ به رئيس ڪان آوڌر وٺي ڏنو هئائين. آها به رئيس ڪي شابس جو ڍڳي ورائي ڏلي هئائينس. سوا پنج سؤ روپيا قرض ڪيئن لهندو؟... هو وري سوچ ۾ ٻڏي ويو. هنڪي پنهنجي تباهي نظر اچڻ لڳي، هو تصور ۾ پاڻ کي گهر ٻار سوڌو لتجندي نظر اچڻ لڳو. هن سوچيو: پاڻ پيسا ڪائي ڀڄي به ته سگهيو ٿي... پر جيڏانهن به وڃي، رئيس کيس سوگهو ڪرائي سگهي ٿو. هن وري سوچيو: نه پر هن سال فصل پلو ڏيندو. ڦٽيون سندس منو قرض لاهي وجهنديون. هوڏانهن پٽس مال چاري مهيني سر ٽيهه پنجٽيهه رپيا ڪمائي ڏيندو هوس. اتان مڙيئي سؤ روپيا ڪن ميڙيا هئائين. مڙيئي مولا چڱي ڪندو. سوچ ۾ وهڪرو وهندو ٿي ويو، پنهنجي سوال ڪان پاڻ ئي ڊنو ٿي، ۽ پنهنجي جواب ڪان پاڻ ئي مطمئن به ٿي ويو. هنڪي رئيس ڪان انهيءَ ڪري به وڏيڪ ڊپ هو جو جڏهن ڪان ساڙان ساماڻي هئي تڏهن ڪان رئيس جون منجهس اکيون هيون. جي ڏيٽس جوان نه هجي ها ته دينوءَ کي ڪڏهن به پڙهائي نه ڇڏرائي ها. دينو ۾ کيس جيڪي اميدون هيون سي سڀ خاڪ ۾ ملي ويئس. دينو ٽئين درجي ۾ هو جڏهن پٽس اسڪرل مان ڪيڊرايس، زوريءَ تعليم هئي، پر چئو چواءُ ڪرائي ته 'دينو چريو آهي،' اسڪول مان ڪيڊرائي وڃي مال چارڻ تي رکيائينس. انگريزي پڙهائڻ لاءِ تنبي موڪلڻ هنجي وس وٽان نه هو، ۽ هوڏانهن تقاوي تي تقاوي چڙهندي پئي ويس. ڳوٺ جاڏ ڇوڪرا به ائين اسڪول مان جند ڇڏايو ۽ وڃي مائٽن سان ٻانهن ٻيلي ٿيو،

هو جڏهن لاش کڻائي ڳوٺ پهتو، ته روج لڳو پيو هو. قبر تيار هئي، هو دفنائي اچي گهر پهتو. هن جا ڳوڙها خشڪ ٿي ويا هئا. ڏينوءَ عظيم قرباني ڏني هئي. شايد هن پنهنجي ڪٽنب جي عزت بچائڻ خاطر ئي جان ڏني هئي. هو ٿيجهو ڪري، راتو رات ٽپڙ ٻڌي ڳوٺ ڇڏي ويا. مرزو کي خبر هئي ته رئيس کي تقاوي جو ته بهانو هو. هنجي سن ۾ جيڪا هئي، سا هو ضرور ڪري ها. پر جيڪڏهن بنا قرض جي پڇن ها، ته رئيس مٿو ئي وڃائي ڇڏي ها. جيستائين هڪ غريب هاريءَ وٽ جوان ڌيءَ آهي تيستائين زميندار پنهنجو قرض ضرور آوڳاڙيندو، هنکي اها خبر هئي.

آهو عالم يا نقاد، جو غلامي، غير آئيني حڪومت، هڪ - هٿي ۽ ظالم جي مفاد جي حفاظت ڪري ٿو سو پنهنجي پيشي سان غداري ڪري ٿو. آهو انهي قابل نه آهي ته ’چڱن‘ جي محفل ۾ ويهي سگهي. ادبي تخليق لاءِ صرف ايتروئي ڪافي نه آهي جو فن جي ماهري ۽ استاديءَ جو زور ڏيکاريل هجي پر ڪيس آن وقت ۽ حالتن جي وچ ۾ هڪ قدر- جو ڳو نصب العين ضرور هجي.

— ايمرسن

طارق اشرف

# موٽي آئي ياد

دوست، اڄ مان توسان زماني کانپوءِ مليو آهيان. مونکي ته يقين هو ته هاڻ زندگيءَ ۾ توسان ڪابه ملاقات نه ٿيندي. اها ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته اسين جيڪو ڪجهه سوچيون ٿا، اڪثرانهيءَ جي ابتڙ ٿيندو آهي. شايد انهيءَ جو اهو سبب هجي ته جيڪو اسين سوچيون ٿا، جيڪر بلڪل ائين ٿئي ته گهڻا ڪم بگڙجي پون، ڪئين ناگوار واقعا ٿي پون، ۽ اهو به عجيب اتفاق آهي ته مون سوچيو، مان اڄ دريا جي ڪپ تي ٺهيل هن سهڻي هوٽل ۾ شام جي چانهه پيان. مان انهيءَ هوٽل ۾ اڄ کان پهرين ڪڏهن به نه آيو آهيان. جيتوڻيڪ سيئي انهيءَ هوٽل جي ساراهه ڪندا آهن ۽ هتي جي سهڻي نظاري ۽ سٺي ماحول ۾ ويهڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ديس ديس جا ماڻهو ايندا آهن، پر مونکان ڪڏهن به نه آيو ٿيو. اڄ هلڪو هلڪو مينهن پئي پيو، آسمان تي جهڙ هو ۽ صبح کان ٺي ٿڌي هوا پئي هلي. جڏهن به اهڙي موسم ٿيندي آهي، مونکي پنهنجو وطن ياد ايندو آهي. انهيءَ ڪري اڄ مان صبح کان ٺي آداس ٿي پيس ۽ پاڻکي وندرائڻ لاءِ هن سهڻي هوٽل ۾ اچي وينس ته شايد پين جا ٿهڪ ٻڌي، پين کي خوش ڏسي ڪجهه دير لاءِ پاڻکي وساري سگهان. ۽ اِها خوشيءَ جي ڳالهه ٿي جو تون اتي ائين اوچتو ملي وئين. پوين ڏهن سالن ۾ تون منهنجي وطن جو پهريون ماڻهو آهين جنهنکي ڏسان پيو. شايد وطن وارن مان ڪي الهيءَ سهڻي هوٽل ۾ آيا هولدا ۽ جيڪڏهن مان غلطيءَ تي نه آهيان ته تون بہ انهيءَ هوٽل جي سونهن ۽ سهڻي نظاري جو ٻڌي اتي آيو آهين — ها، تو چڱو ڪيو، توکي اها هوٽل ڏسڻ ضرور اچڻ گهرجي ها، اِها جاءِ واقعي انهيءَ قابل آهي، جنهنکي پري کان ڏسڻ لاءِ اچجي.

نہ نہ، مونکي وطن جي باري ۾ ڪجهه نه ٻڌاءِ. هاڻ وطن ۾ رهيوئي ڇا آهي، وطن ۾ جيڪو ڪجهه مونکي حاصل هو، آهو وطن ۾ ئي کسجي ويو، جنهن مونکي وطن ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. مونکي وطن سان هاڻ ڪابه محبت نه رهي آهي. وطن جون سڀ ڳالهيون مونکي وسري ويون آهن، يا ائين چوڻ گهرجي ته مون زوري وساري ڇڏيون آهن، يا پين لفظن ۾، ياد نٿو ڪرڻ چاهيان. ڇو ته انهن کي

وڃڻ گھرجي. تون انهن پنهي ڳالهين ڪرڻ لاءِ مجبور هئين. تون پاڻ پريشان ۽ منجهيل هئين ته توکي تين کهڙي ڳالهه ڪرڻ گھرجي. پر ٽين ڳالهه هئي ڪانه، تون چئين چا ها! وطن نه ڇڏڻ جي صلاح تو انهيءَ ڪري ڏني هئي، ڇو ته توکي خبر هئي ته منهنجو دنيا ۾ توکان سواءِ پيو ڪير به نه هو ۽ اهو به ته مان تمام گهڻو ڏکويل هوس ۽ شايد مونکي ڪٿي به سک نه ملي. وطن ڇڏڻ جي ڳالهه توکي انهيءَ ڪري ڪرڻي پئي ته تو ڄاتو ٿي مان ضدي آهيان، پنهنجي ڳالهه تان نه مڙندس ۽ ٻي ڳالهه اها به هئي ته منهنجي لاءِ وطن ۾ هاڻ رهيو ئي ڇا هو، آتي رهي مان وڌيڪ دکي ٿيان ها. گھر جي هڪ هڪ شيءِ مونکي ڪائڻ پئي آئي. انهيءَ ڪري تون به ڳالهيون ڪرڻ تي مجبور هئين، ۽ پوءِ تون ماٺ تي وئين. مان ڏکويل هوس ۽ مايوس پڻ. توکي به مون کان جدا ٿيڻ جو گهڻو صدمو هو. آها سڄي رات پاڻ جاڳي گذاري هئي، پر اها تعجب جهڙي ڳالهه نه چئبي ته ساري رات جاڳي گذارڻ جي باوجود به پاڻ پنهي مان ڪنهن به نه ڳالهايو. مون فقط ڪيڏي ڪيڏي مهل ٿڌا ۽ دکها ساهه ٿي کنيا. تون گهڻووقت اکيون بندڪري گهري سوچ ۾ هئين، پر ڪيڏي ڪيڏي مهل اکيون کولي پنهنجي هٿن جي ترين کي مهٽيئي ٿي، اهوانهيءَ جو ثبوت هو ته تو لاڳيتو ڪنهن ڳالهه تي سوچيو پئي، پر ڪنهن به نتيجي تي نه ٿي پهچي سگهين ۽ وري اکيون پوري سوچ ۾ ٻڏي ٿي وئين. مون فقط هڪ ڳالهه ٿي سوچي ته مولکي هاڻ پنهنجو وطن هميشه لاءِ ڇڏي وڃڻ گھرجي ۽ مان انهيءَ تي قائم هوس. ٻي ڪا ڳالهه منهنجي ذهن ۾ آيري ئي نٿي ۽ نه ئي منهنجو ذهن ٻي ڪا ڳالهه سوچڻ تي تيار هو. صبح جو گهڙيال جڏهين اٺ ڏڪ هنيا ته مان ڇرڪي پيس. هاڻ فقط ٻه ڪلاڪ بچيا هئا منهنجي گاڏي جي وڃڻ ۾. مان جلديءَ سان آٿيس ۽ ٽڙيل پکڙيل سامان پيتين ۾ بند ڪرڻ لڳس، تو به منهنجو سات ڏنو پئي، تنهنجي اکين ۾ چمڪندڙ ڳوڙها مونکان لڪيل نه هئا. تنهنجي اها لڪل همدردي پاڻ لاءِ ڏسي منهنجي دل ۾ تنهنجي لاءِ وڌيڪ پيار پئي آيريو، منهنجي لاءِ اها ڇا ڳالهه گهٽ ڏک جي هئي ته تو جهڙي دوست سان هاڻي مان زندگيءَ ۾ ڪڏهين نه ملي سگهندس. تنهنجي جاءِ تي جيڪر ڪو پيو دوست هجي ها ته شايد ڪيس ايترو ڏک نه ٿئي ها، يا وري ڪيس ماڳهين خوشي ٿئي ها. ڇو ته مان پنهنجي تمام سهڻي جاءِ تنهنجي نالي ڪري پئي ويس، جيڪا ڪجهه ڏينهن اڳ مون ڏاڍي چاهه مان نهرائي هئي.

پر مون ڄاتو پئي ته توکي جاءِ ملڻ جي ڪا به خوشي نه هئي، توکي ڏک هو منهنجي وڃڻ جو، جيڪو تو مونکان لڪائڻ پئي چاهيو، پر تون انهيءَ ۾ ڪامياب نه ٿئين.

سوائين نائين بجي تون گاڏي وٺي آئين، ٻاهر اڃان به زور سان مينهن پئجي رهيو هو ڇو ته تنهنجا سڀ ڪپڙا پسي پيا هئا. تو ۽ مون جلدي جلدي سامان کڻي گاڏيءَ ۾ رکيو، تو چاهيو ٿي سارو سامان تون ئي کڻي گاڏي ۾ رکين، پر مون توکي ائين ڪرڻ نه ڏنو. تو گاڏيءَ واري کي سامان کڻڻ لاءِ سڏيو، پر هو اهڙي مينهن ۾ اسانجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. گاڏي جڏهين اسٽيشن تي پهتي ته مينهن بند ٿي چڪو هو. قليءَ سامان کنيو ۽ پاڻ وڃي ويٽنگ روم ۾ ويٺاسين، گذريل ڏينهن جي ٻنپهرن کان تو ۽ مون ڪجهه نه کاڌو هو، انهيءَ وقت به مون بک محسوس نه پئي ڪئي. پر تو جڏهين گهڻو زور ڀريو ته مون هڪڙو ڪوپ چانهه جو پيئڻ قبوليو هو. دراصل مون توکي ڏکوئڻ نٿي چاهيو. آوڏي مهل نه چاهڻ تي به مون چانهه پيتي هئي، پر نه ڄاڻ ڇو چانهه ڏاڍو مزو ڏنو. آوڏي مهل منهنجو ذهن بلڪل خالي هو، مون ماضي، حال يا مستقبل تنهين مان ڪنهن تي به نه پئي سوچيو. منهنجي سوچڻ سمجهڻ جي قوت ڄڻ ته ختم ٿي وئي هئي. نٿو چئي سگهان ته آوڏي مهل تو ڇا پئي سوچيو، سوچي به رهيو هئين يا مون وانگر تنهنجو ذهن به خالي هو. پاڻ ٻئي خاموش هئاسين، دراصل پاڻ وٽ ڳالهائڻ لاءِ اوڏي مهل ڪجهه به نه هو. مون چانهه جي ڪوپ آهستي سان واپس ميز تي رکي ڇڏيو، تنهنجيون ٻئي ٻانهون ميز تي آيپون هيون ۽ تنهنجو منهن ڪاڏيءَ جي سهاري هٿن جي ترين تي رکيل هو. آوچتو قليءَ اچي ٻڌايو ته ٽرين اچي پئي. پاڻ وري به ماٺ رهياسين. تو پيسا ميز تي پيل بل واري پليٽ ۾ وڌا ۽ منهنجي پويان ٻاهر نڪري آئين. ٽرين پليٽ فارم تي بيٺي رهي هئي ۽ قلي منهنجو سامان ڪمپارٽمينٽ ۾ رکي رهيو هو ۽ جڏهن ٻاهر نڪتو ته جلديءَ سان تو ٻه رپيا ڪڍي هنجي هٿ تي رکيا. مان توکي روڪي نه سگهيس، دراصل مون ڪا به اهڙي ڳالهه نٿي ڪرڻ چاهي، جنهن سان توکي ڏک رسي. مان ڏکوبل هوس، نٿي چاهيم ته ڪو منهنجي ذات کان ڏکي. مون مڙي تو ڏانهن ڏٺو، تون انهيءَ پاسي ڏسي رهيو

گھڻو وقت ٿي ويو آهي ۽ مان ڪجهہ سردي بہ محسوس ڪريان پيو. توکي تہ شايد سرديءَ جو احساس نہ ٿئي، ڇو تہ توکي جيڪو ڪوٽ پيو آهي، سو منهنجي ڪوٽ کان ڳرو آهي.

پوءِ، هتان آتي پاڻ تنهنجي هوٽل ۾ هلنداسين. تون پنهنجو سامان اتان هلي کڻ، هوٽل ڇڏي هلي مون وٽ رهہ. منهنجي جاءِ سٺي ۽ آرام واري آهي. اتي مان اڪيلو رهندو آهيان. رات جو پاڻ peace-corner ۾ ماني کائينداسين. پوءِ، نالو سٺو آهي نہ، 'سڪون جي ڪنڊ.' سڪون جي تلاش ۾ مان گهڻو ڪري انهيءَ هوٽل ۾ ماني کائڻ ويندو آهيان، آتي بلڪل ماٺ هوندي آهي. آتي مان پنهنجي ديس جون ڳالهيون بہ پڇندس — تنهنجيءَ چپن تي هلڪي مرڪ آئي آهي. مان سمجهان ٿو تہ تنهنجي چپن تي مرڪ ڇو آئي آهي. مون ڪجهہ دير اڳ توکي چيو هو تہ مان پنهنجي وطن بابت ڪجهہ بہ نہ پڇندس. پر ڇا ڪريان! مون سمجهيو پئي تہ مونکي پنهنجي وطن سان هاڻ محبت نہ رهي آهي، پر هاڻ ڄاتم تہ اهو فريب هو، مان پاڻکي ڇڳيءَ طرح فريب نہ ڏئي سگهيس ۽ يادن وري آتل ڪاڏي.

منهنجو خيال آهي هاڻ اٿڻ گهرجي، رات بہ ٿي وئي آهي ۽ مينهن بہ بند ٿي ويو آهي، پر وقتي طور، ڇو تہ هاڻ ساوڻ شروع ٿي چڪو آهي ۽ هتي مينهن لاڳيتو پوندو آهي. آءٌ، پهرين تنهنجي هوٽل هلون ۽ پوءِ گهر سامان رکي رات جي ماني کائڻ peace-corner ۾. آتي توکان وطن بابت تفصيل سان ڳالهيون پڇندس.

## مائيخيل شولوخوف

# پٽي

پوئين سج جا هلڪا هلڪا ڪرڻا ’ڪاسڪ‘ ڳوٺ جي آسي پاسي ڦهليل ساون ۽ ميرانجهڙن پوٽن مان ڇڻيو ڇڻيو نڪتا پئي. آتي ويجهو ئي هڪ ننڍڙي ٻيڙي بيٺي هئي، جنهن ۾ ويهي مون ’دان دريا‘ پار ڪرڻ چاهيو ٿي. مان ٻيڙيءَ ڏانهن وڌيس پئي، آتي جي واري آلي هئي ۽ انهيءَ مان سڙيل ڪاٺين ۽ پنن جي بوء پئي نڪتي. پيچري جو ليڪو ڪنهن هيسيل سهي وانگر ور وڪڙ ڪائيندو پوٽن مان ويو پئي. وڏو ۽ پکڙيل قرمزي سج ڳوٺ جي هن پار قبرستان ڏانهن لهي ويو ۽ هاڻ سانجهيءَ جي جهيڻي روشني سڪل پوٽن منجهان پيڇو ڪري رهي هئي.

ٻيڙي دريا جي ڪپ تي بيٺل هئي ۽ هيٺان جرڪندڙ پاڻي ڏڪيو پي. ٻيڙي جا ونجهه ڏڪندڙ پاڻيءَ ۾ بيترتيبيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن هليا پئي ۽ لوهي ڪڙن سان ٽڪرجڻ جي ڪري ڪڙن جو آواز نڪتو پي. ٻيڙيءَ جي سينور چميل تر مان مير بحر پاڻي ڪيڏي ٻاهر اڇلائي رهيو هو. هن ڪنڌ مٿي کڻي پنهنجي هيٺين اکين سان مونتي هڪ نظر وڌي ۽ آداسيءَ سان پڇيائين:

”هن پار وڃڻو اٿو؟ هڪ منٽ ۾ وٺي هلندو سانو. اِهو رسو ته کوليو.“

”ڇا اسين ٻيڙيءَ کي سڀئي سگهنداسين؟ فقط اسين ٻه!“

”پاڻکي ڪوشش ڪرڻي پوندي. جلدي آوندهه ڦهلجي ويندي. شايد ڪو ٻيو به اتي اچي نڪري.“

ٻيڙي واري ويڪرن پائنچن جي پتلون جا پائنچا مٿي ڪندي پيهر مون ڏانهن ڏٺو.

”تون اجنبي ٿو پائنجين. ڪٿان پيو اچين؟“

”فوج مان، — گهر پيو وڃان.“

هن ٽوپي لاهي ٻيڙيءَ ۾ رکي، پنهنجي اڇن چانديءَ جهڙن وارن کي آچل ڏيندي ٽيڪ ڪيائين، ۽ پنهنجا گندا سڙيل ڏند ڏيکاريندي مونکي اک پٽي چيائين:

”موڪل تي پيو وڃين؟ لڪي... مان ڄاڻان ٿو، هون!“

”نه. منهنجي نوڪري ختم ٿي وئي آهي. اسانجي پوري جماعت کي فوجي خدمت کان آجو ڪري ڇڏيائون.“

وٽندڙ هو. انهيءَ ڪانپوءِ ڏيانيلو لاءِ ڪا چڱي ڏر جانچي ٿي رهيو هوس ته بدامني ڦهلجي وئي. اسانجي ڳوٺ وارن سوويت وارن جي خلاف بغاوت ڪئي. ايوان مون وٽ ڊوڙي آيو: 'بابا، مون سان گڏ ڳاڙهي فوج (Red army) ۾ هلي شامل ٿي. مان التجا ٿو ڪريان. بابا مسيح جو قسم اسانکي ڳاڙهي فوج جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. چاڪاڻ ته هوءَ حق تي آهي ۽ انصاف خاطر لڙي پئي.'

"ڏيانيلو به اهڙي تقرير ڪئي. ٻئي ڪيتري دير تائين مونکي التجا ۽ اصرار ڪندا رهيا. پر مون چيو: 'مان توهانکي نٿو روڪيان. توهين جيڏانهن وڃي وڃو سگهو ٿا. پر مان اتي ئي رهندس، مونکي اڃان هتي ست پيٽ پالڻا آهن.'

"هو ٻئي هليا ويا.

"ڳوٺ وارن هٿيار ٻئي گڏڪيا، جنهنکي جيڪو مليو — تنهن ٻئي کنيو. نيٺ انهن 'محاذ ڏانهن! محاذ ڏانهن!' رڙيون ڪندي مونکي به جهلي ورتو. مون سيني جي سامهون چوڪ تي ٻاڏائيندي التجا ڪئي، 'هم وطنو، اوهين سڀئي ڄاڻو ٿا مان ستن ٻارن جو پيءُ آهيان. منهنجا ست ٻار گهر ۾ پيا آهن. جيڪر مان مري وڃان ته انهن جي خبرگيري ڪير وٺندو؟ انهن جي پرگهور ڪير لهندو،' انهن تي ڪوبه اثر نه ٿيو. مونکي زبردستي پڪڙي محاذ تي موڪلي ڇڏيون.

"مورچو اسانجي ڳوٺ کان گهڻو پري نه هو. هڪڙي ڏينهن، ايسترڪان پهرين ڪجهه قيدي آندا ويا. ڏيانيلو منهنجو وٽندڙ پٽ به انهن ۾ هو. انهن کي ڪپتان جي سامهون پيش ڪرڻ کان اڳ بازار ۾ گهمايو ويو. ڪاسڪي پنهنجي گهرن مان ڊوڙي نڪتا. خدا مدد ڪري! واويلا مچي وئي.

"'هنون پٽ تي. بزدل، ڪمينا. جڏهن انهن کي پڇاڳاڇا ڪانپوءِ واپس آندو ويندو ته اسين انهن کي هميشه لاءِ سمهاري ڇڏيندا سين.'

"مان اتي ئي بيٺو رهيس. منهنجا پير ڏڪيا پئي. پر مون انهن تي ظاهر ٿيڻ نه ڏنو ته پنهنجي ڏيانيلو لاءِ منهنجي دل ڪيتري پئي ڦٿڪي، مون ڪاسڪين کي پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي ۽ پاڻ ۾ سس پس ڪندي ڏٺو. سارجنٽ 'آرڪاشا' مون ڏانهن وڌيو.

'ڪيئن مکي شارا' انهن ڪمينن کي ختم ڪرڻ ۾ اسانجو ساٿ ڏيندين نه؟'

"'چو ڪوله. ضرور. خوني، بدمعاش، حيوان.' مون چيو.

سان رڙيون ڪري پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏيڻ لڳو. پر سندس اکين ۾ نفرت ڀريل مرڪ هئي.

"ڪاسڪي قيدين تي وچي تتا ۽ الهن کي سنگينن سان قتل ڪرڻ لڳا. منهنجي اکين آڏو آولدهه ڦهلجي وئي ۽ مان آتان ڀڄي آيس، پر مون پنهنجي ڊيانيلو کي متي ۽ رت ۾ ڦٽڪندو ڏسي ورتو هو. سارجنٽ سيجر سنگين هنجي نڙيءَ ۾ ٽنبي ڇڏي هئي. فقط هڪ خر-ر-ر جي ڊيانيلو جي واتان پيو ڪوبه آواز نه نڪتو.

پيڙيءَ جي تختن ڀاٽيءَ جي زور ڪان ڪڙڪڙ پئي ڪئي. مڪي شارا پنهنجي پيرن سان پيڙيءَ جي تري کي جاچڻ لڳو. ڀاٽي پيڙيءَ جي متاڇري تي آيري آيو هو، پائپ جي گرم ڇار ڇنڊينڊي چيائين: "پيڙي ٻڏي پئي. اسانکي سياٽي ٻن پهرن تائين انهيءَ وڻ تي ويهڻو پوندو. لعنت آهي اسانجي بخت تي."

هو گهڻي دير تائين ماٺ رهيو. پوءِ آهستي ڍيل آواز ۾ ڳالهائڻ لڳو: "انهن هڪ ڏينهن لاءِ مونکي پوليس سيڪشن جو چارج ڏنو.

"ڊان اڄ تائين ڪيترو ڀاٽي وهائي چڪو آهي، پر مان اجان تائين رات جو، آخري هڏڪوئي ۽ موت جي خرخراهٽ ٻڌندو آهيان، جڻ ڪنهنجو ساهه پيو گهٽجي. آهوئي آواز جيڪو انهيءَ ڏينهن مون پڇندي ٻڌو هو. پنهنجي ڊيانيلو جي موت جي خرخراهٽ!

"۽ ائين ضمير پنهنجو انتقام وٺندو آهي.

"بهار جي موسم تائين ڳاڙهي فوجن کي اڳيان وڌڻ کان روڪيو ويو. انهيءَ کان پوءِ جنرل 'سيڪرٽيو' اسانجي مدد لاءِ اچي ويو ۽ پري پري تائين ڊان دريا کان ٽيندي پوري صوبي 'گساراٽو' تائين انهن جو پيڇو ڪيو، ڇاڪاڻ ته منهنجا پٽ ڪميونسٽن سان وچي مليا هئا، انهيءَ ڪارڻ نوڪري ۾ مونکي ڪابه ترقي نه ملي، جيتوڻيڪ مان گهڻن ٻارن جو پي هوس.

"اسين بالاشو شهر تائين وڌي وياسين، مونکي پنهنجي پٽ ايوان جي ڪابه خبر نه ملي هئي. اوچتو ڪاسڪين ۾ هڪ افواهه هلي. شيطانن کي نه ڄاڻ ڪٿان خبر پئي ته ايوان ڳاڙهن جو ساٿ ڇڏي آيو آهي ۽ نمبر ٣٦ ڪاسڪي رجمينٽ ۾ شامل ٿي ويو آهي. ڳوٺ وارا مونکي ڌمڪيون ڏيڻ لڳا، 'اسين تنهنجي ايوان کي جهلينداسين ۽ ڳاهه ڪارائينداسين.' اسين هڪ ڳوٺ ۾ آياسين، انهيءَ ڳوٺ ۾ ٣٦ رجمينٽ جو ڪيمپ هو. ڳوٺ وارن جلدئي ايوان کي ڳولي ورتو. آهي هنکي رسين سان ٻڌي

گھاٽي گارڊ روم ۾ وٺي آيا ۽ آتي هنکي ڏاڍي مار ڪيڏيائون ۽ مونکي حڪم ڏنائون، ’هنکي رجمينٽ جي هيڊ ڪوارٽر وٺي وڃ.‘

”هيڊ ڪوارٽر گوٺان ٻارنهن ميل پري هو. ڪمپنيءَ جي ڪمانڊر مونکي ڪاغذ ڏنا ۽ مونکان نظرون بچائيندي چيائين، ’اِهي آهن تنهنجا ڪاغذ مڪي شارل، تون پنهنجي پٽ کي هيڊ ڪوارٽر وٺي وڃ. آهو توسان گڏ حفاظت سان ويندو. پنهنجي پيءُ کان نه ڀڄندو ڪونه،‘

”تڏهين ساري ڳالهه سمجهي ويس ته انهن مون سان ڪهڙي ڪيڏ ڪيڏي آهي. انهن انهيءَ ڪري مونکي حڪم ڏنو ته مان ايوان کي هيڊ ڪوارٽر وٺي وڃان، چاڪاڻ ته مان هنجو پيءُ هوس، انهيءَ ڪري پڪ ڪيس ڇڏي ڏيندس ۽ پوءِ هو هنکي گرفتار ڪري وٺندا ۽ اسان ٻنهي کي موت جي سزا ملي ويندي. مان انهيءَ ڪمري ۾ ويس جتي ايوان قيد هو، ۽ پهريدارن کي چيم، ’قيديءَ کي منهنجي حوالي ڪريو، مونکي ڪيس هيڊ ڪوارٽر وٺي وڃڻو آهي.‘

”وڏي خوشيءَ سان وٺي وڃي سگهين ٿو،‘ انهن چيو. ايوان پنهنجو ڊگهو ڪوٽ ڪلهن تي وڌو، ٽوپيءَ کي بيچينيءَ سان مٿي تي هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائين پر پوءِ آتي ئي ٻينچ تي آڇلائي ڇڏيائين.

اسان وارو رستو هڪ ٽڪريءَ تان ٿي ويو. رستي ۾ اسان ڪجهه به نه ڳالهايو. مون پٺيان مڙي مڙي پئي ڏٺو ته ڪو اسانکي ڏسي ته نه پيو. اهڙيءَ طرح اسين اڌ رستو ڪري آياسين. پوءِ اسين هڪ پاڪ هنڌان لنگهڻ لڳاسين، هاڻ پري پري تائين ڪوبه اسانکي نظر نٿي آيو. ايوان مون ڏانهن مڙي چيو، هنجي آواز ۾ ڪيترو نه درد هو، ڪيتري نه التجا هئي، ’هيڊ ڪوارٽر نه هل. آهي مونکي ضرور ماري ڇڏيندا. تون مونکي موت جي منهن ۾ پيو وٺي وڃين. ڇا تنهنجو ضمير اجان به ستل آهي؟‘

”’نه ايوان‘ مون جواب ڏنو، ’اهو ستل نه آهي!‘

”’ته توکي مونتي رحم نٿو اچي!‘

”’ايترو، منهنجا ٻچا، جو دل سيني اندر ڇڄي پئي آهي.‘

”’پوءِ جي توکي منهنجي حال تي رحم اچي ٿو ته مونکي ڇڏي ڏي. تون سوچ مون هن دنيا ۾ گهٽي عمر گذاري آهي.‘ هن پنهنجا گوڏا کٽي ڪوڙيا. ٽي دفعا منهنجي اڳيان مٿو جهڪائين، ايترو ته جهڪيو جو مٿو پٽ سان پئي لڳو. مون هنکي چيو، ’اسين لاهي تائين هلنداسين پٽ، انهيءَ کانپوءِ تون ڀڄي وڃجان. مان خالي ڏيکاءُ

لاءِ تنهنجي پٽيان ڪجهه هوائي فيئر ڪندس.‘

”ڪجهه وقت پهرين هڪڙو پيار جو اکر به هنجي واتان نٿي نڪتو، پر هاڻ هن پنهنجيون ٻانهون منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيون ۽ منهنجي هٿ کي چميائين. اسين ڪجهه پري تائين ائين ئي هلندا رهياسين. هن ڪا ڳالهه نه ڪئي ۽ نه ئي مون. اسين لاهيءَ تي پهچي ورياسين. ايوان بيهه رهيو، ’خدا حافظ، بابا. جيڪر پاڻ ٻئي بچي وياسين ته پوءِ مان توکي ساري عمر سهارو ڏيندس. تون منهنجي واتان سختيءَ جو هڪڙو اکر به نه ٻڌندين.‘ هو مون سان چنبڙي پيو. مونکي ائين لڳو ته ڄڻ منهنجي دل ڇڄي پئي.

”’ٻچي وڃ پٽ!‘ مون هنکي چيو. هن لاهيءَ تان ڀڄڻ شروع ڪيو. هو مڙي مونکي ڏسندو رهيو ۽ هٿ لوڏيندو رهيو. مون کيس چاليهه گز وڃڻ ڏنو. پوءِ پنهنجي بندوق کنيم، گهوڙهو چاڙهيم ۽ بندوق ڇوڙيم ـــ گولي سڌي سندس پٺن ۾ لڳي.“

مڪي شارا پنهنجي کيسي کي ڳولي تماڪ جي تيلهي ڪڍي. چقمق گسي پنهنجي پائيپ کي ٻارئين ۽ آرام سان پيئڻ لڳو. چقمق اڃان هنجي هٿن ۾ چمڪي رهيو هو. هنجي منهن جون نسون ڏڪيون پئي، سڄيل پنبٽين هيٺان هنجيون هيڊيون اکيون گهوري رهي هيون. انهن ۾ سختي هئي ـــ پڇتاءُ ڪونه هو.

”هن هوا ۾ مٿي ٽپ ڪاڏو ۽ تمام گهٽي سور کان بيتاب ٿي ڪجهه اڳيان ڀڳو، پوءِ پيٽ تي ڏڪ هڻڻ لڳو، ۽ پٺيان مڙي ڏسڻ لڳو، ’بابا... ڇو؟‘ هو پٽ تي ڪري پيو ۽ چڙيون هڻڻ لڳو. مان ڊوڙي هنجي ويجهو ويس ۽ هنتي جهڪي پيس. هنجيون اکيون ڦري رهيون هيون ۽ واتان رت جي ڳجي نڪتس پئي. مون سوچيو ڪم پورو ٿي چڪو آهي، هو مري پيو. پر هن پنهنجي پوري طاقت سان منهنجي هٿ کي جهليندي چيو: ’بابا! منهنجي هڪ زال ۽ ٻار آهي.‘ هنجو مٿو هيٺ لڙي پيو، هو ڦٽ ڳولي رهيو هو ته آڱرين سان بند ڪري، پر الهيءَ تي به رت آڱرين مان وهي نڪتو. پوءِ هو سڌو ٿي ليٽي پيو ۽ ڏکويل نظرن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳو. هو پنهنجي زبان مشڪل سان چوري سگهيو ٿي. هن ڪجهه ٻيو چوڻ چاهيو ٿي، پر مان فقط ’با...با...با‘ ٻڌي سگهيس. انهيءَ ڳالهه ڪري منهنجي اکين مان بي اختيار ڳوڙها نڪري آيا. منهنجا ٻچا! منهنجا ٻچا! ’ايوان! منهنجا ٻچا! ڏک جي انهيءَ تاج کي منهنجي ڪارڻ پائي وٺ. مونکي احساس آهي ته توکي به هڪ زال ۽

ٻار آهي. پر مونکي ست ٻار آهن، جيڪي گهر ۾ پيا آهن، ٻنا کنهن سهاري جي. جيڪر مان توکي ڇڏي ڏيان ها، ته ڪاسڪي مونکي ضرور ماري ڇڏين ها ۽ منهنجي ٻارن کي مالي جي هڪ ٽڪر لاءِ در در ڀٽڪڻو پوي ها.

”هو ٽوري تائين هوش ۾ رهيو، پوءِ هميشه لاءِ ماٺ ٿي ويو. هنجي هٿ ۾ اڃان تائين منهنجو هٿ هو. مون هنجو اوور ڪوٽ ۽ بوٽ لاهي ورتا ۽ هڪ ڪپڙي سان هنجو منهن ڍڪي ڇڏيم ۽ گهوٽ موٽي آيس.

”مونکي حقيقت جي اڪين سان ڏس. مون ٻارن لاءِ ڏکن جو اِهو بار کنيو. ڏکن منهنجا وار اڇا ڪري ڇڏيا آهن. مان انهن لاءِ ئي ڪم ڪندو آهيان ته جيئن آهي ماني لاءِ نه سڪن. مونکي سڪون نصيب ڪونهي. منهنجا ٻار چوندا آهن، منهنجي ڏيءَ نتاشا وانگر، ’بابا، توسان ماني کائڻ اسانکان نٿو پڄي.‘ ڇا ڪو ماڻهو اِها ڳالهه سهي سگهي ٿو.“

مڪي شارا پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ پنهنجيون خوفناڪ نظرون مون تي وڌائين. هنجي پنيان آداس ۽ هلڪي هلڪي روشني ڦهلجي رهي هئي. دريا جي ساڄي پاسي وڻ جي ڪاري ٻيلي مان مِيءَ ۽ ننڊ جي خمار ۾ ويٺل ٻدڪن جي ٻي سري ’ڪويڪ — ڪويڪ‘ ڪي ڇيري صاف ٻڌڻ ۾ آيو،

”مڪي شارا تو چڱو نه ڪيو— چڱو نه ڪيو!“

(روسي ڪهاڻي) سنڌيڪار: طارق اشرف

حيدرآباد سنڌ جي قديم، مشهور ۽ اعليٰ بيڪري

# بامبي بيڪري

صدر - حيدرآباد

هر قسم جا ڪيڪ، پيسٽري، بسڪوٽ

آرڊر تي پڻ هر ڪنهن قسم جو مال تيار ٿي ملندو.

---

عورتن جي سينگار ۽ دلڪش تحفن جو مرڪز

شهر جو وڏو جنرل اسٽور

# جان اينڊ سنس

تلڪ چاڙهي - حيدرآباد

# سنڌ ڪلاٿ اسٽور

تلڪ چاڙهي حيدرآباد

هر قسم جي سلڪ، آوني، ۽ سوٽي ڪپڙن جو مرڪز
هر قسم جي پردن جو ڪپڙو- مناسب اگهه

---

هڪ جديد نالو — هڪ جديد اسٽور

# بيوٽي گفٽ

هر قسم جي پروفيومري، هوزري، اسٽيشنري پرووزين ۽
فينسي شين جو مرڪز

بيوٽي گفٽ: تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ